انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي

# سنڌي راڳ ۽ تال

منظور نقوي

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي اشاعتي سلسلي جو ڪتاب نمبر ٦٨

# سنڌي راڳ ۽ تال

مصنف
’هر رنگ‘
(سيد منظور نقوي)

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اداري جا سڀ حق ۽ واسطا قائم

ڇاپو پهريون]                                                    [تعداد هڪ هزار

اپريل ۱۹۸۱ع مطابق ربيع الاول ۱۴۰۱

قيمت: ۲۴.۰۰ روپيا

سول ايجنٽس:

ادبيات تلڪ چاڙهي، حيدرآباد

---

الماس بڪ هائوس

انورراڻي روڊ، پوسٽ باڪس نمبر ۱۰۴۷۱
صدر ڪراچي-۳

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

---

هي ڪتاب، پرفيڪٽ پرنٽرس صدر حيدرآباد ۾ ڇپيو ۽ ڊاڪٽر غلام علي الانا، پروفيسر انچارج، انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي، سنڌ يونيورسٽي، نئون ڪئمپس، ڄام شورو، ضلعو دادو سنڌ، پڌرو ڪيو.

www.sindhsalamat.com                    books.sindhsalamat.com

# فهرست


| نمبر | عنوان | صفحو |
| --- | --- | --- |
| | ناشر طرفان | |
| | تقريظ | |
| ١- | الحان | ٧ |
| ٢- | سنڌي راڳ جي تاريخ | ١١ |
| ٣- | راڳ جو سنڌي ادب تي اثر | ١٥ |
| ٤- | آواز | ١٨ |
| ٥- | سر | ٢٠ |
| ٦- | راڳ | ٢٢ |
| ٧- | ٺاٺ<br>ڪليان ٺاٺ، بلاول ٺاٺ، کماچ ٺاٺ، ڀيرؤن ٺاٺ، ڀيروين ٺاٺ، آسا وري ٺاٺ، ٽوڙي ٺاٺ، پوربي ٺاٺ، ماروا ٺاٺ، ڪافي ٺاٺ. | ٢٧ |
| ٨- | سنڌي گائڪي | ٣٨ |
| ٩- | سنڌي راڳ | ٤١ |
| ١٠- | پوربي ٺاٺ مان نڪتل راڳ<br>سري ٽنڪ، جيت سري، سري راڳ. | ٤٣ |
| ١١- | مالوي<br>راڳ ترون، راڳ ريوا، راڳ پرڄ، راڳ بسنت راڳ سامونڊي، راڳ ماروا، راڳ پوريا. | ٤٩ |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

١٢- راڳ ماليڪورا ٦١

راڳ سنڌوي براري، راڳ سنڌوي (رائو) راڳ سنڌ ڀيروين
راڳ بسنت مڪاري، راڳ سنڌي جوڳ، راڳ ڪوهياري،
راڳ ڪيڏارو سنڌي.

١٣- سنڌي تال ٧٠

تال اولنگ، تال شادمانون، تال چيٽون، تال جهمر،
تال وهول، تال جهمٽ، تال تلو، تال ڏانڊيا،
زناني وچت، ياحسين شاهه پنجن تنن، ڊڀي، حسن حسن،
ٽاهو سواري، لولي، تال تمامي،
لطيفي تال، ٺيڪا.

١٤- سنڌي ساز ٨٣

چنگ، بوڙينڊو، گهڙو، ڏنبو، نڙ، پايا، دنبوري،
شاهه جو تنبورو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ناشر طرفان

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي هڪ پاسي جتي سنڌي زبان، ادب ۽ ثقافت ۽ سنڌ جي تاريخ جي تعارف ۽ ڦهلاءُ جي ڏس ۾ قومي ۽ بين الاقوامي اداري واري حيثيت اختيار ڪري ويو آهي، اُتي هن اداري تي ماڻهن ۾ علمي ۽ ادبي استعداد پکيڙڻ ۽ علم ادب جي مختلف شعبن متعلق معياري ڪتاب ڇپرائي سندن علمي ادبي اڃ اجهائڻ جو فرض پڻ عائد ٿئي ٿو. هي ادارو پنهنجي حال سارو اها خدمت بجا آڻيندو رهندو آهي ۽ هر سال ڇهن سٽن ڪان وٺي پندرهن جي تعداد تائين ڪتاب شايع ڪندو رهندو آهي.

اسان طرفان شروع کان وٺي اها ڪوشش رهي آهي ته سنڌي پڙهندڙ کي رکو ادبي ڪتاب پڙهڻ لاءِ ڏيون، پر انهن سان گڏ علم جي ٻين شعبن سان تعلق رکندڙ معلوماتي مواد پڻ پهچايون.

موسيقي هڪ اهڙي شيءِ آهي، جيڪا سنڌ جي ماڻهوءَ جي نس نس ۾ رچيل آهي ۽ سنڌ ۾ وڏا وڏا ڳائڻا توڙي ڳائڻ جا شائق ۽ پارکو پيدا ٿيا آهن، سنڌي زبان ۾ هيستائين جيتوڻيڪ موسيقيءَ تي مختلف پهلوئن کان ڪجهه ڪتاب ۽ مضمون لکيا ويا آهن، پر سنڌي موسيقيءَ تي ٽيڪنيڪي نقطهء نگاه کان تمام گهٽ روشني وڌي آهي. ان ڪري اسان اها ڪوشش ڪئي ته اسين جتي تاريخ، اقتصاديات، ادب، سياست

۾ ھين موضوعن تي ڪتاب شايع ڪيا آھن، انھي ڇو نہ موسيقيءَ
تي بہ اھڙو ڪتاب ڇپايون جيڪو موسيقيءَ بابت ٽيڪنيڪل
معلومات ڏيئي سگھي. ھيءُ ڪتاب ان ئي جذبي تحت اسان شايع
ڪيو آھي.

ڪتاب جو مصنف محترم سيد منظور نقوي ڪنھن کان بہ
لڪل نہ آھي. ھو موسيقيءَ جو ھڪ چالو ۽ مشھور اديب آھي
۽ ھيءُ ڪتاب لکي ھن سنڌي موسيقيءَ تي وڏو احسان ڪيو آھي.

اسان کي اميد آھي تہ پڙھندڙ جيئن اڳ ۾ ڇپيل ڪتابن
جو مان ڪيو آھي ۽ اسان جي ھمت افزائي ڪئي آھي، تيئن
ھيءُ ڪتاب بہ سندن مھربان نظرن جو مستحق بڻبو.

ڊاڪٽر غلام علي الانا
پروفيسر انچارج
انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي

# تقريظ

سنڌ جا راڳ ساز ۽ ڳائڻ جا انداز قديم زماني کان مشهور آهن ايستائين جو قديم زماني جي نائڪن ۽ گائڪن به سنڌي راڳن کي قدم قدم تي پئي تسليم ڪيو آهي، نه فقط ايترو بلڪ اهي سنڌي راڳ قديم هندستان جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڳايا پئي ويا.

سنڌ جي تاريخ گواه آهي ته عربن جي تسلط کان پوءِ ڪيترين صديون سنڌ خانه جنگيءَ جو شڪار رهي انهي زماني ۾ فنونِ لطيف ضايع به ٿي ويا ۽ نوان پيدا به نه ٿي سگهيا، ان جو نتيجو اهو نڪتو جو سنڌي راڳ هندستان جي موسيقيءَ جي ڪتابن ۽ هندستان جي ڳائڻ تائين محدود رهجي ويا.

انقلاب ايندا رهيا حڪومتون تبديل ٿينديون رهيون تان جو پاڪستان وجود ۾ آيو.

پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ لازم هو ته موسيقيءَ جي مشترڪ حصي مان اسين پنهنجو ورثو جدا ڪريون، مگر انهي ڳالهه کي به ڪئي سال گذري ويا. انهي وچ ۾ موسيقيءَ تي ڪيئي ڪتاب لکجي ويا مگر اهي سڀ عام موسيقيءَ تي هئا، ڪنهن به صاحبِ فن مصنف اها ڪوشش نه ڪئي ته موسيقيءَ جي ترڪي مان سنڌ جو حصو الڳ ڪري ونجي. آخر انهيءَ جمود کي لوڙڻ ۽ سنڌ جي موسيقيءَ جي ورثي کي جدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪيم جنهن جو نتيجو هيءُ ڪتاب آهي.

ڪتاب لکندي معلوم ٿيو ته فاضل محقق جناب ڊاڪٽر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نبي بخش بلوچ وائيس چانسلر سنڌ يونيورسٽي به سنڌي راڳ جي تاريخ نالي هڪ ڪتاب تصنيف ڪري رهيو آهي، پر عنوان مان نفسِ مضمون معلوم ڪندي مون پنهنجي ڪاوش جاري رکي.

ڪنهن به فن تي ڪتاب لکڻ لاءِ انهي فن مان ڪماحقہ واقفيت لازمي امر هوندي آهي. ان لاءِ هر طرح جي ڪوشش سان موسيقيءَ جي علم مان ڪجهه واقفيت حاصل ڪئي وئي. ان ڪان پوءِ به، ڪتاب لکڻ وقت ڪيئي اهڙا مرحلا آيا جن کي حل ڪرڻ مشڪل هو. ڇو جو موجوده دؤر جا ڳائڻ وارا خود تردد جو شڪار آهن ۽ نائڪ مفقود آهن ان ڪري اهڙن مشڪلن کي صحيح ڏس جي اندازي تي حل ڪيو ويو. سنڌي موسيقيءَ تي هي ڪتاب هڪ قانوني حيثيت رکي ٿو ڇو جو هن ڪتاب ڪي موسيقيءَ جي بنيادي اصولن تي لکيو ويو آهي پر تڏهن به ممڪن آهي هن ڪتاب ۾ ڪي سنڌي راڳ، ڪي سنڌي ساز ۽ ڪي سنڌي تال درج ٿيڻ کان رهجي ويا هجن يا ڪي خاميون به ٿي پيون هجن ان لاءِ يقين آهي ته جيڪي موسيقيءَ جا ماهر آئينده هن فن تي ڪتاب لکندا اهي انهن خامين کي دور ڪري ڇڏيندا.

’هر رنگ‘
(سيد منظور نقوي)
١٧ ڊسمبر ١٩٧٥ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌي راڳ ۽ تال

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# الحان

هر سريلو آواز هر ذي روح کي وڻي ٿو. انهي جو سبب فقط اهو ئي آهي جو عالمِ ارواح ۾ الست بربڪم جو آواز هڪ اهڙي سريلي آواز ۾ آيو هو جنهن کي روح ڪنهن به زماني ۾ وساري نٿا سگهن. اهو ئي سبب آهي جو جڏهن به ڪو سريلو آواز ٻڌجي ٿو روح بيقرار ٿيو وڃي- جيتوڻيڪ اهو سريلو آواز قدرت جي الست بربڪم جي آواز جهڙو نه آهي پر جي انهيءَ قدرت جي آواز جي هزارين پتيءَ جي جهلڪ به ڪنهن آواز مان ملي ٿي ته روح بي تاب ٿيو وڃي. ان ڪري هر سريلو آواز هر ذي روح کي وڻي ٿو.

هونءَ به چوندا آهن ته راڳ روح جي غذا آهي. راڳ ٻڌڻ سان روح جي ڪدورت دور ٿئي ٿي ۽ قلب کي تسڪين حاصل ٿئي ٿي. ڪيترين جسماني بيمارين به راڳ جي ذريعي لاهي سگهجن ٿيون ۽ ڪنهن سنگدل ۽ دشمن کي به راڳ سان رام ڪري سگهجي ٿو.

راڳ هر ذي روح جي پسند جي شيءِ آهي ان ڪري ابتدائي آفرينش کان راڳ جو چرچو هلندو اچي، حضرت آدم عليه السلام جي خاڪي جسد ۾ جڏهن روح ڦوڪيو ويو تڏهن هوا سندس نڪ جي ذريعي ڦڦڙن ۾ پهتي ۽ هوا جي عمل جي ڪري حضرت آدم عليه السلام کي ڇڪ آئي، اهو هو دنيا ۾ سماعت تي پهچڻ وارو پهريون آواز.

ان کان پوءِ حضرت آدم عليه السلام اٿيو، هليو، گهميو، سندس سماعت جن آوازن کان متاثر ٿي، اهي هئا جبلن جي درن ۽ پٿرن جي سوراخن مان هوا جي لنگهڻ جا آواز، مٿانهين ٿان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڻيءَ جي ڪرڻ جا آواز، بادل جي گجگوڙ جا آواز- وغيره.

انهن مهيب آوازن کان سواءِ ڪي هلڪا آواز به هئا جن انسانذات کي پاڻ ڏي متوجہ ڪيو اهي هئا پکين جون منيون لاتيون، جانورن جون ٻوليون.

راڳ ۾ پکين جي لاتين ۽ جانورن جي ٻولين جو به حصو آهي، پکين مان ققنس- ڪوئل ۽ مور کي موسيقار پکين ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو. ققنس پکيءَ لاءِ مشهور آهي ته انهي پکيءَ جي چهنب ۾ سوراخ ٿيندا آهن ۽ هو هر سوراخ مان جدا جدا آواز ڪڍي سگهندو آهي. اهو پکي جڏهن پوڙهو ٿيندو آهي تڏهن ڪنهن ويراني زمين تي ڪک ڪاٺيون گڏ ڪري آکيرو جوڙيندو آهي. پوءِ انهي آکيري ۾ ويهي هو پنهنجي چهنب جي هر سوراخ مان هڪ سريلو آواز ڪڍيندو آهي، جڏهن سندس چهنب مان ڪو خاص سريلو آواز نڪرندو آهي، تڏهن آکيري کي ٻڙڪي باهہ وٺي ويندي آهي ۽ اهو آکيرو ققنس پکيءَ سوڌو سڙي خاڪ ٿي ويندو آهي.

برسات جي موسم ۾ جڏهن مينهن انهي ڇار تي پوندو آهي تڏهن ان مان هڪ آنو ظاهر ٿيندو آهي ۽ وقت تي جڏهن اهو آنو ڦٽندو آهي تڏهن وري هڪ نئون ققنس پکي پيدا ٿيندو آهي.

چيو وڃي ٿو ته ققنس پکيءَ جي جنهن سر سان آکيري کي باهہ لڳندي آهي اهو ديپڪ راڳ جو خاص سر آهي.

ڪوئل پکيءَ جي آواز کي به موسيقي جي آوازن ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو، بهار جي موسم ۾ ڪوئل جي ٻولي خاص طرح سان پسند ڪئي ويندي آهي. ڪوئل جو آواز هميشه سرن کان مٿين سرن ڏي مسلسل ويندو آهي ان ڪري ئي پسند ڪيو ويندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساڳيءَ طرح برسات جي موسم ۾ ڳوڙ جو آواز ٻڌي مور نچندو به آهي ۽ ٻوليندو به آهي راڳ ۾ رقص نرتڪاري ۽ ٻولن جو امتزاج شايد اتان ئي ورثو ويو آهي.

ائين پيا به ڪيترائي اهڙا پکي ۽ جانور آهن جن جي ٻولين ۾ موسيقي ملي ٿي.

انسان پنهنجي ابتدائي دؤر ۾ پٿرن ۽ ٻورڙن ڪانئين جي پاڻ ۾ ٽڪرجڻ جي آواز مان به ڪجهه حاصل ڪيو ۽ پوءِ تحقيق جي ميدان ۾ اڳتي وڌندي ڪيس لوه جي دؤر مان به گذرڻو پيو. لوهي دؤر ۾ اچڻ سان انسان کي ڪافي نوان آواز ملي ويا ۽ انسان انهن مان فائدو وٺڻ شروع ڪيو، حضرت دائود عليہ السلام هڪ ساز ارغنون جي نالي سان ايجاد ڪيو پاڻ خوش الحان به هو، پاڻ جڏهن ساز ارغنون تي زبور جون آيتون خوش الحان ۾ ڳائيندو هو تڏهن انهي موسيقيءَ کان متاثر ٿي چرند پرند به ساڪت ٿي بيهي رهندا هئا، نه صرف ايترو پر ڪن جو چوڻ آهي ته هوائون ۽ دريائن جا وهڪرا به ٻيهي ويندا هئا، اهو ارغنون دنيا جو پهريون ساز هو ۽ ساز تي ڳائڻ جو رواج اتان شروع ٿيو.

ائين زمانو گذرندو ويو راڳ ۽ ساز جي پرورش ٿيندي وئي. حضرت ابراهيم عليہ السلام جن جي ڳالهه ڪندا آهن ته پاڻ وادين ۾ دنبيون چاريندا هئا. هڪ صبح جو پاڻ جيئن دنبيون چاري رهيا هئا ته پر مان هڪ سريلو آواز آيو جيڪو چئي رهيو هو:

سبوحًا قدوسٌ رب الملائکۃ والرّوح.

اهو آواز ۽ تعريف جو انداز ايترو ته پيارو هو جو حضرت ابراهيم عليہ السلام کي وجد اچي ويو. دنيا ۾ اهو پهريون وجد هو، حضرت ابراهيم عليہ السلام فرمايو: اي منهنجي رب جي تعريف ڪرڻ وارا وري ائين چؤ، ۽ اهو آواز وري وري آيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حضرت ابراهيم عليه‌السلام جن ارادو ڪيو ته ڌسان ته هو تعريف ڪرڻ وارو ڪير آهي؟ اهو ارادو ڪري ٻاڏ اوڏانهن وڌيا، ويجهي اچڻ تي ڀتر جي پر مان هڪ پکي پڙڪي ڪاٺي اڏامي ويو ۽ اهو آواز ان پکيءَ جو هو.

اڳين انسان جيئن پيون تحقيقون ڪندو هليو، تيئن آواز جي تحقيق ڪان به غافل نه رهيو، تان جو هڪ ٻگهي عرصي ڪان پوءِ هڪ شخص جنهن جو نالو يوبل (جوبل) هو تنهن دنيا کي هڪ پهرو ساز ايجاد ڪري ڏنو ۽ آهستي آهستي ڏڪ، تار ۽ ڦوڪ سان وڄڻ وارا ساز ايجاد ٿيندا ويا.

قومون وڌنديون ويون دنيا جي مختلف خطن تي قابض ٿينديون ويون ۽ قومن جي مزاج مطابق راڳ ۽ ساز ايجاد ٿيندا ويا. يونان وارا راڳ جي هڪ ديوي تسليم ڪرڻ لڳا جنهن جو نالو موسي رکيائون ۽ ان ۾ ڪاف توصيفي لڳايائون ته ٿيو موسيڪ يعني راڳ واري، عربن انهي لفظ ۾ وري تبديلي آندي ڪاف ڪلمن جي جاءِ تي قاف قرشت آڻي ان جي پٺيان وري توصيفي ياءِ لڳايائون ته لفظ بڻيو موسيقي، ۽ يورپ وارن وري موسيڪ کي پنهنجي زبان جي انداز تي ميوزڪ Music ڪري ڇڏيو.

هندوستان ۾ ٽي هزار سال اڳ موسيقي باقاعده رائج هئي، ان جو مطلب اهو ٿيو ته گهٽ ۾ گهٽ ايترو ئي وقت اڳ هندوستان جي موسيقي ترتيب ۽ ارتقاء جي دؤر مان گذري هوندي، جيئن ته سنڌ به هندوستان جي موسيقيءَ ۾ شريڪ رهي آهي ان ڪري سنڌ جي موسيقي به ايترو ئي قديم ليکجي سگهجي ٿي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌي راڳ جي تاريخ

جڏهن کان وٺي سنڌ ملڪ کي سنڌ جي نالي سان سڏيو ويو، جڏهن کان وٺي سنڌ ۾ وهندڙ دريا کي سنڌو دريا جي نالي سان سڏيو ويو، تڏهن کان وٺي هندوستان جي موسيقيءَ جي هڪ حصي کي سنڌي موسيقيءَ جي عنوان سان ياد ڪيو ويو، سنڌ جي راڳ جي تاريخ به ايتري ئي قديم آهي جيتري سنڌ ملڪ جي تاريخ.

هندوستان جي موسيقيءَ لاءِ اهو مشهور آهي ته ٽي هزار سال اڳ هندوستان ۾ هندوستان جي موسيقي باقاعده رائج هئي، ڇو جو اهڙو ذڪر هندوستان جي پراڻي گرنٿ سام ويد مان به ملي ٿو پر جيئن ته معارف النغمات جي مصنف جي راءِ مطابق راڳ جي انهي پراڻي طريقي ۾ ايتري تبديلي اچي چڪي آهي جو جيڪي اڄ ڪلهه جا ست سر راڳ ۾ استعمال ٿين ٿا سي به قديم نه آهن، ان ڪري هندستان جي موسيقيءَ جي قدامت به موجوده راڳن جي قدامت مان ئي پرکي سگهجي ٿي.

هندوستان جي موسيقي جي صحيح نظام جو پتو اڄ کان ست سؤ ورهيه اڳ ملي ٿو جڏهن وقت راڳ جو مشهور ڪتاب رتناڪر لکيو ويو. انهي ئي زماني ۾ نائڪ گوپال به هو ۽ انهي ئي زماني ۾ حضرت امير خسرو به هو جنهن هندستان جي راڳن، گائڪيءَ جي انداز ۽ سازن ۾ اضافو ڪيو جنهن جو ذڪر موسيقي جي ڪتابن ۽ سوانح جي ڪتابن ۾ ڪثرت سان ملي ٿو.

ساڳئي زماني ۾ موسيقي تي تمام گهڻو ڌيان ڏنو ويو جنهن ڪري هندوستاني موسيقي جو نظام بنيادي اصولن تي اڄ

به برقرار آهي. فقط گهڻي زماني گذرڻ جي ڪري ڳائڻ جي انداز ۾ تبديلي ايندي وئي. سنڌ جي موجوده موسيقيءَ کي انهي زماني تي ٿي ڪتي ۽ رٿي سگهجي ٿو ۽ سنڌ جي موسيقي جو پتو به انهي ئي زماني ڪان پوي ٿو. انهي ئي زماني کان پوءِ جي تصنيف ڪيل ڪتابن مان سنڌي راڳ جو پتو پوي ٿو جنهن کي مڪمل موسيقيءَ جي نظام ۾ سنڌي پرڪاش جا راڳ ڪري چوندا آهن.

جيئن ته سنڌ ۾ حڪومتن جي ڦرڻ گهرڻ ۽ خانه جنگين ۽ ٻاهرين حملن جي ڪري سنڌ جي مڪمل موسيقيءَ جي نظام جا راڳ محفوظ نه رهي سگهيا، ان ڪري اهي راڳ هندوستاني موسيقي جي ڪتابن جي زينت بنجي رهجي ويا. هن ڪتاب ۾ انهن ئي سنڌي پرڪاش جي راڳن جو ذڪر ڪيو ويندو.

قديم زماني کان سنڌ ۾ جيڪو راڳ جو اهڃاڻ ملي ٿو سو آهي لوڙائو، لوڙائو سر سان بيت ڏيئي ڪي چوندا آهن. اڳي ماڻهو سنڌ جي ڪڇرين ۾ لوڙائو ڏيندا هئا ۽ ڪڏهن اڻون به ٿيندو هو ته ڪو جاسوس ڌاڙيل شهر ۾ اچي ڪنهن واپاري قافلي جو مسافر ٿي ويندو هو، پوءِ جڏهن قافلو هلندي هلندي ڌاڙيلن جي جوءِ ۾ ايندو هو تڏهن اهو ڌاڙيل جاسوس لوڙائو ڏيندو هو، سندس آواز ٻڌي ڌاڙيل قافلي تي حملو ڪري ڏيندا هئا ۽ قافلي کي لٽي ڦري ويندا هئا، ان کان پوءِ خود قافلي وارا لوڙائو ڏيندا هئا، قافلي جو سرواڻ اٺن جي ڳوڏن ۾ ٻڌل گهنگهرن جي تال تي بيت ڏيندو هو ۽ باقي قافلي وارا آخر ۾ هونڪارو جهلائڻ لاءِ شريڪ ٿيندا هئا، ان مان ڪين گهڻو فائدو رسندو هو. هڪ ته لڪل ڌاڙيل سمجهندا هئا، هن قافلي سان گهڻا مسافر آهن ان ڪري حملو نه ڪندا هئا، ٻيو ته جيڪي مسافر ننڊ جي پنڪيءَ ۾ هوندا هئا سي سڀ هونڪاري جي آواز تي سجاڳ ٿي پوندا هئا، تيئن ته انهي راڳ جي ونڊر جي ڪري

www.sindhsalamat.com   books.sindhsalamat.com

ائين شادين ۾ قديم زماني ۾ ڳاچن جو رواج هوندو هو جيڪي به مڱڻهارن جا سرن ۾ ورهايل هوندا هئا، انهن ڳاچن کي اڄ ڪلهه گيچ چيو وڃي ٿو، پهرين اهي ڳاچ نئي کان سوا ڳايا ويندا هئا، پوءِ نئي سان ڳائجڻ لڳا جن کي موجوده زماني ۾ سهرا چيو وڃي ٿو، سنڌ ۾ گيچن ۽ سهرن جو رواج اڄ ڏينهن تائين جاري آهي.

هوڏي لوڙاؤ کي نڙ جي لهري تي ڳائڻ کان پوءِ ان ۾ تبديلي آئي ۽ ساڳئي لئي ۾ وائي وجود ۾ آئي، ڪافي وقت گذرڻ کان پوءِ وائيءَ ڪافي کي وجود ۾ آندو، بيت، وائي ۽ ڪافي اڄ تائين رائج آهن.

اها آهي اسان جي سنڌ جي راڳ جي مختصر تاريخ.

o

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# راڳ جو سنڌي ادب تي اثر

قديم دؤر کان سنڌي زبان ۾ اهڙا محاورا استعمال ٿيندا اچن جن جو سڌو سنئون تعلق راڳ سان آهي۔ جيتوڻيڪ اهڙن محاورن جي قدامت کي پرکڻ لاءِ اسان وٽ ڪو خاص ذريعو نہ آهي تہ ايترو چئي سگهجي ٿو تہ اهي محاورا صدين کان وٺي اسان جي زبان جي زينت بڻيل آهن. جيڪڏهن انهن کي وراهجي تہ ڪي محاورا اهڙا آهن جن جو تعلق راڳ سان بہ ملندو۔ ۽ ڪي محاورا اهڙا ليندا جن جو تعلق لئي سان ملندو. هتي اهڙا محاورا درج ڪجن ٿا.

تيبريون سٽائڻ - معني ڪنهن کي ڏند جو ڏيکارڻ. سخت ڪلامي ڪرڻ- حقيقت ۾ تيبريا تيور چوندا آهن تکن سرن کي- هي محاورو اتان ورتل آهي.

تيبريون ڪرڻ معني نخرا ڪرڻ. اهو محاورو بہ موسيقي تان ورتل آهي.

ڪٽ راڳ ۾ پوڻ- معني جنجال ۾ پوڻ موسيقيءَ ۾ ڪٽ راڳ هڪ اهڙو راڳ آهي جنهن ۾ شڌ ڪومل ۽ تيور سڀ سر لڳندا آهن ان ڪري اهو راڳ ڳائڻ بذات خود جنجال هوندو آهي.

جهنجهٽ ۾ پوڻ- معني آزار ۾ پوڻ- اهو محاورو جهنجهوٽي راڳ تان ورتل آهي.

راڳ ڪرڻ- معني حيلا بهانا ڪرڻ.

ڪينرو ڪڏي ويهڻ- معني ڪنهن هڪ ڳالهہ کي بار بار ورجائڻ- جيئن هيجل چارڻ راءِ ڏياچ جي اڳيان ڪينري ساز تي سر گهرڻ جي صدا بار بار پئي ورجائي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رکندو آهي ۽ اچي سمر تي رسندو آهي.

اٿين سنڌي زبان ۾ پيا به ڪيترائي موسيقيءَ سان تعلق رکندڙ محاورا قديم دؤر ۾ مروج هوندا جيڪي زبان جي اڳتي وڌڻ جي ڪري پوئتي رهجي ويا هوندا.

راڳ متعلق اهي محاورا ٻڌائين ٿا ته اسان جي معاشري ۾ راڳ کي به اهميت حاصل هئي ان ڪري محاورا ٺهيا ۽ زبان ۾ مستعمل ٿي ويا.

# آواز

ٻن شين جي ٽڪرائجڻ سان هوا ۾ جيڪي لهرون پيدا ٿين ٿيون انهن جي ٻڌجڻ کي آواز چئجي ٿو- جيڪڏهن ڪو آواز ڪنهن کي ٻه ٻڌڻ ۾ نہ اچي تہ اهو آواز ئي نٿو چئي سگهجي- ڇو جو آواز جو احساس سماعت جي آلي يعني ڪن سان آهي- ڪن جنهن کي نہ ٻڌي سگهندو ان کي آواز نہ چئي سگهبو.

جيڪڏهن موسيقيءَ جي لحاظ سان آواز کي تقسيم ڪجي تہ آواز کي ٻن حصن ۾ ورهائي سگهبو- هڪ حصي کي سڏبو آوازِ محض ۽ ٻئي حصي کي آوازِ منتظم.

آوازِ محض ۾ کنگهہ- ڇڪ- سڏ- رڙ- کلڻ يا ڳالهائڻ جا آواز اچي وڃن ٿا. ان کان سواءِ خارجي آواز مثلاً گوڙ هوا جا آواز، هلڻ جا آواز، جانورن پکين جا آواز، مشينن جي هلڻ جا آواز، ٻن شين جي ٽڪرائجڻ جا آواز بہ آوازِ محض ۾ شمار آهن، ڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ جي ڳالهائڻ- کلڻ يا روئڻ ۾ يا ڪنهن پکيءَ جي لات ۾ بہ موسيقي معلوم ٿيندي آهي پر موسيقيءَ جي تورائيءَ جي لحاظ سان ان کي موسيقيءَ ۾ شمار نہ ڪري سگهبو بلڪ ان کي آوازِ محض ۾ ئي ڳڻي سگهبو.

آوازِ منتظم انهيءَ کي چئبو آهي جيڪو آواز هڪ ئي حالت ۾ ڪجهہ وقت قائم رهي سگهي- يعني ان ۾ ٽڪاءُ هجي- جيڪڏهن ڪنهن بہ آواز ۾ ٽڪاءُ ناهي تہ اهو آوازِ محض آهي. انهي منتظم آواز کي سرويا سر چوندا آهن.

منتظم آواز لاءِ اهو ضروري آهي تہ اهو آواز ڪجهہ وقت لاءِ رهي ۽ ساڳي حالت ۾ رهي- ۽ پوءِ اهڙا منتظم آواز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيٺين ۽ مٿين حدن وارا ڳڻجي موسيقيءَ لاءِ ڪار آمد بڻجي وڃن ٿا.

اهڙا منتظم آواز اختياري هوندا آهن جن کي انسان ڳلي مان يا ڪنهن ساز مان پيدا ڪري سگهندو آهي- ورنه حادث ۽ غير اختياري آواز آواز محض ٿي هوندا آهن.

منتظم آواز لاءِ اهو به ضروري آهي ته اهو ڪنهن نه ڪنهن حد تائين بلند هجي جي نه ته اهو منتظم آواز به موسيقيءَ جي ڪم نه اچي سگهندو.

o

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيئن الف کان وٺي ب تائين واري وڇوٽيءَ کي استان يا سپتڪ کري ٿا ميون تيئن ب کان وٺي جيم تائين به هڪ استان مڃٽو پوندو ۽ جيم کان وٺي دال تائين هڪ ٻيو استان به مڃٽو پوندو مثلاً.

الف——— ب——— جيم——— دال

الف کان وٺي ب واري عرصي ۾ هيٺيان سر هوندا آهن ان کري انکي مندر استان چوندا آهن- ب کان جيم واري عرصي جي وچ ۾ وچ وارا سر ٿيندا آهن ان کري انکي مڌاستان چوندا آهن ۽ جيم کان وٺي دال واري عرصي ۾ جيئن ته مٿيان سر ٿيندا آهن ان کري انکي تاراستان چوندا آهن.

مندر استان کان هيٺ وارن سرن ۾ ڳائڻ ۽ تاراستان کان مٿي وارن سرن ۾ ڳائڻ مشڪل آهي.

مطلب هي ٿيو ته الف کان ب تائين ب کان جيم تائين ۽ جيم کان دال تائين واري عرصي کي موسيقيءَ جي عالمن ٻارنهن ڳائڻ جي سرن ۾ ورهايو ۽ انهن ٻي سرن جي ڦيرگهير تي راڳن جو بنياد رکيو.

O

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٥- کاڊو- کاڊو ٦- اوڊو- کاڊو
٧- اوڊو سمپورن ٨- اوڊو کاڊو
٩- اوڊو اوڊو

هي ڳائڪي جو قانون آهي ته ڪوبه راڳ پنجن سرن کان گهٽ جو تسليم نه ڪيو ويندو.

ڪي ماڻهو چوندا آهن ته مالسري راڳ ٽن سرن جو ٺهندو آهي. مگر موسيقيءَ جا عالم ٽن سرن جي راڳ کي قانون مطابق صحيح لاءِ تيار نه آهن- ان لاءِ هڪ دوهو آهي ته:

ڪو او ڪت تين سر مالسري مون ڪهت يه بچن ات ڀرمت
پنج سر بن ڪيون راڳني نه سمپوت يه بچن و ٻڌ مت چتروا ڪونمت

يعني ڪير ٿو چوي ته، مالسري ٽن سرن جو راڳ آهي. اهو قول وڏي شڪ وارو آهي ڇو جو پنجن سرن کان سواءِ ڪابه راڳڻي نه مڃي ويندي ۽ پنڊت چتر انهي قول کي مڃي ٿو.

ٽن سرن جي راڳ کي راڳ نه پر فقط آلاپ ڏي تسليم ڪري سگهجي ٿو ڇو جو راڳ ۾ ان جي قانوني حيثيت ڪابه نه آهي.

سنڌ ۾ ڪي آلاپون اهڙيون به ملن ٿيون جن ۾ ٽي سر لڳن ٿا مگر موسيقيءَ جي قانون مطابق انهن آلاپن کي ڪنهن راڳ ۾ شمار نٿو ڪري سگهجي- پر جي ائين ڪبو ته سڄي موسيقيءَ جي نظام کي بدلائڻو پوندو ۽ راڳ جي قانون تان به هٿ کڻڻو پوندو.

راڳ جي سرن مان کرج ۽ پنجم جا سر جتي به لڳندا سچا لڳندا ڇو جو انهن ٻن سرن جو نه ڪو ڪومل سر ٿئي نه تيور.

ڪومل اصل سر کان نرم هوندو آهي ۽ تيور کي تکو سر چوندا آهن جيڪو اصل ۾ شڌ يعني سچو سر هوندو آهي.

راڳ ۾ ڪو هڪڙو سر اهڙو به هوندو آهي جنهن تي

بلڪ ٻي ترتيبا سر لڳندا آهن اهڙن راڳن کي وڪر روپ جا راڳ چوندا آهن.

مثال: شڌ روپ جي راڳ جو سرگم هيئن ٿيندو.

سا — ري — گا — ما — پا ۔ ڌا — ني — سا.

۽ وڪر روپ جي راڳ جو سرگم هيئن ٿيندو.

سا ـ گا ـ ري — گا ـ ما ـ پا — ني ـ پا — ڌا — ني — سا.

راڳ ۾ ڪڏهن ڪنهن سر جو ٿورو حصو به استعمال ٿيندو آهي ان کي ڇانوَ به چون ته ڪَڻ به چون.

ڪڏهن ڪنهن راڳ ۾ هڪ يا ٻه سر نه لڳندا آهن ته ان کي موسيقيءَ جي اصطلاح ۾ ورج چوندا آهن. مثال ۾ ديسي راڳ جي آروهيءَ ۾ گنڌار ۽ ڌيوت ورج آهي. ان جي معنيٰ ٿي ته اهي ٻئي سر ديسي راڳ جي آروهيءَ ۾ نه لڳندا.

ڪي راڳ پنهنجي چال ۽ رفتار جي لحاظ سان ٻين راڳن کان جدا نظر ايندا آهن انهن جا قسم هي آهن.

جن راڳن ۾ شڌ رکب ۽ شڌ ڌيوت گهڻو استعمال ٿيندو آهي اهي راڳ به ٻين راڳن کان جدا لڳندا آهن.

ائين جن راڳن ۾ ڪومل رکب ۽ ڪومل ڌيوت جو استعمال گهڻو ٿيندو آهي اهي راڳ به ٻين راڳن کان جدا لڳندا آهن.

ڪي راڳ گنڌار ۽ نکاد ڪومل لڳڻ جي ڪري جدا معلوم ٿيندا آهن ۽ ڪي راڳ شڌ مڌم جي ڪري ٻين راڳن کان جدا سمجهندا آهن.

ڪي راڳ تيور مڌم جي ڪري جدا معلوم ٿيندا آهن.

ڪي وري اهڙا راڳ هوندا آهن جن ۾ شڌ ۽ تيور ٻئي مڌم مليل هوندا آهن ان ڪري اهي راڳ ٻين کان جدا لڳندا آهن.

راڳ جو وقت گهڻو ڪري مڌم مان معلوم ڪيو ويندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، جي ڪنهن راڳ ۾ تيور مڌم لڳي ٿو ته اهو شام جو راڳ آهي، جيڪڏهن ڪنهن راڳ ۾ شڌ مڌم لڳي ٿو ته اهو راڳ صبح جو راڳ هوندو. چو جو تيور مڌم وارا راڳ گهڻو ڪري شام جو ڳايا ويندا آهن ۽ شڌ مڌم جا راڳ وري گهڻو ڪري صبح جي وقت ڳايا ويندا آهن.

راڳ متعلق هنن ڳالهين کي به ضرور ڌيان ۾ رکڻ گهرجي ته: ڪو به اهڙو راڳ ممڪن نه آهي جنهن مان مڌم ۽ پنچم، ٻئي سر ورج ڪيا ويا يعني ڪڍيا ويا هجن.

جن جن راڳن ۾ ڪومل گنڌار ۽ تيور مڌم جا سر لڳن ٿا انهن ۾ ڪومل نکاد جو سر نه لڳندو آهي.

ٻئي رکب جا سر ۽ ٻئي گنڌار جا سر گڏ نه لڳائجن.

ائين ٻئي ڌيوت جا سر ۽ ٻئي نکاد جا سر به هڪ ئي وقت نه لڳائجن، اهي آهن راڳ جا مروج قانون، پر جي رواج موجب ڪو اهڙو سر راڳ کي خوبصورت ڪرڻ لاءِ لڳايو ويو ته اها رعايت ٿي سگهي ٿي.

O

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٺـاٺ

ٺاٺ سٽن سرن جي ترتيب جو نالو آهي، انهن ئي سٽن سرن مان هزارين راڳ نڪرن ٿا، جيڪڏهن اهي سٽ ئي سر شڌ آهن ته انهي کي شڌ ٺاٺ سڏيو ويندو آهي، موسيقيءَ ۾ بلاول جو ٺاٺ شڌ ٺاٺ مڃيو ويندو آهي ڇو جو ان ۾ ڪوبه سر مليل نه هوندو آهي. پر جي بلاول ٺاٺ جي اچل سرن کرج ۽ پنچم کانسواءِ ڪنهن به ٻئي هڪ سرکي به بدلائجي ته اهو ٺاٺ بدلجي ويندو. مثال ۾ بلاول ٺاٺ هي آهي.

کرج- شڌ رکب- شڌ گنڌار- شڌ مدم- پنچم- شڌ ڌيوت ۽ شڌ نکاد پر جي آخري سر شڌ نکاد جي بدران ڪومل نکاد لڳايو ته کماچ ٺاٺ ٿي پوندو.

انهن سرن جي ڦير گهير سان ڪل ٧٢ ٺاٺ ٺهن ٿا ۽ هر ٺاٺ مان ڪل چار سو چوراسي راڳ نڪرن ٿا انهن ٧٢ ٺاٺن مان ڪل چوٽيهه هزار اٺ سو اٺيتاليهه راڳ ٺهي سگهندا.

موجوده زماني جي موسيقيءَ ۾ فقط ڏه ٺاٺ رواج ۾ آهن جن جا نالا هي آهن.

١- ڪليان ٺـاٺ　　٢- بـلاول ٺـاٺ　　٣- کماچ ٺاٺ
٤- ڀيروُن ٺاٺ　　٥- ڀيروين ٺاٺ　　٦- اساوري ٺاٺ
٧- ٽوڙي ٺاٺ　　٨- پوربي ٺاٺ　　٩- مارُوا ٺاٺ
١٠- ڪافي ٺاٺ.

هون ته هر ٺاٺ مان چار سؤ چوراسي راڳ نڪرن ٿا پر موجوده زماني ۾ سڀني ٺاٺن مان نڪتل اٽڪل ٻه سؤ راڳ آهن.

www.sindhsalamat.com　　books.sindhsalamat.com

جيڪي ڳائجي رهيا آهن. اهڙو ڪو ورلي ڳائڻون هوندو جنهن کي پنجاه کن راڳ ياد هوندا.

موجوده زماني ۾ هر ٺاٽ جا جيڪي مشهور ۽ ڳائڻ ۾ اچڻ وارا راڳ آهن سي هي آهن:

## ڪليان ٺاٽ

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ڪومل وڪرت | | | | | | | |
| شڌ سر | کرج | رکب | گندار | | پنچم | ڌيوت | نکاد |
| تيور وڪرت | | | | مڌم | | | |

هن ٺاٽ ۾ پيا سڀ سر شڌ هوندا آهن فقط مڌم تيور لڳندو آهي ان ڪري ٿي هن ٺاٽ جا راڳ شام جو ڳايا ويندا آهن، ڪليان ٺاٽ مان جيڪي راڳ هن زماني ۾ ڳايا وڃن ٿا سي هي آهن.

ايمن ڪليان- شڌ ڪليان- پوپ ڪليان يا پوپالي- همير- ڪيدارا- ڇايانٽ- ڪامود- شام ڪليان- هنڊول- گونڊ سارنگ- مالسري- ايمني بلاول- چندر ڪانت- ساوني ڪلياڻ ۽ جيت ڪليان.

انهن راڳن مان ڪي راڳ اهڙا آهن جن ۾ ٻئي مڌم استعمال ٿين ٿا- مثلاً:

ڪامود- گونڊ سارنگ- ايمني بلاول وغيره.

ڪي راڳ اهڙا آهن جن مان مڌم جو سرورج ڪيل آهي- مثلاً:

ساوني ڪليان- جيت ڪليان- چندر ڪانت (هن راڳ جي آروهيءَ ۾ مڌم ورج آهي) شڌ ڪليان (آروهيءَ ۾ مڌم ورج آهي وغيره.

www.sindhsalamat.com	books.sindhsalamat.com

# بلاول ٺاٽ

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ڪومل | | | | | | | |
| شڌ | کرج | رکڀ | گنڌار | مڌم | پنچم | ڌيوت | نکاد |
| تيور | | | | | | | |

هيءُ ٺي هڪ ٺاٽ آهي جنهن ۾ سڀ سر شڌ لڳن ٿا، هن ٺاٽ مان هي راڳ ڳايا وڃن ٿا.

بلاول- بهاڳ- بهاگرا- ديسڪار- پهاڙي- ڪڪڀ- شنڪرا نٽ- مانڊ- سر پردا- اليا بلاول- گن ڪلي- سڪل- نٽ بلاولي- هنس ڌن- لڇا ساک- هيم- درگا- نورو چڪا- ملوها- ڪيدارا- ديوگري- جلدهر ڪيدارا ۽ پٽ منجري.

جن راڳن ۾ شڌ مڌم جو سر لڳندو انهن جي ڳائڻ جو وقت صبح ٺي هوندو آهي. بلاول ٺاٽ ۾ به مڌم شڌ لڳي ٿو ان ڪري هن ٺاٽ مان نڪتل راڳ عموماً صبح جو ڳايا ويندا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪماچ ٺاٽ

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ڪومل | | | | | | | نکاد |
| شڌ | کرج | رکب | گنڌار | مڌم | پنچم | ڌيوت | — |
| تيور | | | | | | | |

ڪماچ ٺاٽ ۾ ٻيا سڀ سر شڌ لڳن ٿا فقط نکاد جو سر ڪومل لڳي ٿو ان ڪري ڪماچ ٺاٽ جا راڳ بلاول ٺاٽ جي راڳن کان جدا ٿيو پون، ڪماچ ٺاٽ جا جيڪي راڳ هن دوُر ۾ ڳايا وڃن ٿا سي هي آهن.

ڪماچ. جهنجوٽي. سورٺ. ديس. کمپاوتي. تلنگ. درگا. راڳيسري. تلڪ ڪامود. بدهنس. غارا. نارايني. پرتاب ورالي ۽ ناگ سراولي. جئي جيونتي ۽ گوند ملار.

درگا راڳ دراصل ٻن راڳن جو نالو آهي، هڪ درگا راڳ بلاول ٺاٽ مان ڳايو ويندو آهي ٻيو درگا راڳ ڪماچ ٺاٽ مان.

ڪماچ ٺاٽ ۾ ڪومل نکاد ۽ شڌ مڌم جا سر لڳن ٿا ان ڪري هن ٺاٽ جا راڳ ڪلياڻ ٺاٽ جي راڳن کان به جدا ٿيو پون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڀيروُن ٿاٽ

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ڪومل | | رکب | | | | ڌيوت | |
| شدّ | کرج | — | گنڌار | مڌم | پنچم | — | نکاد |
| تيور | | | | | | | |

ڀيروُن ٿاٽ ۾ ٻيا سڀ سر شدّ لڳن ٿا فقط رکب ۽ ڌيوت جا سر ڪومل لڳن ٿا ان ڪري هن ٿاٽ جا راڳ ٻين ٿاٽن جي راڳن کان جدا نظر اچن ٿا.

ڀيروُن ٿاٽ جا هن دؤر جا مشهور راڳ هي آهن.

ڀيروُن- ڪالنگڙو- ميگهه رنجني- سوراشٽر- جوگيا- رامڪلي- پرڀاوتي- ٻڀاس- گوري- للت- پنچم- ساويري- بنگال ڀيروُن- شومت ڀيروُن- آنند ڀيروُن- گزڪلي- هجيج- اهير ڀيروُن- زيلف ۽ ديس گوند.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڀيروين ٺاٽ

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ڪومل | | رکب | گنڌار | | | ڌيوت | نکاد |
| شُڌ | ڪرج | — | — | مڌم | پنچم | — | — |
| تيور | | | | | | | |

ڀيروين ٺاٽ ۾ سڀ سر ڪومل لڳن ٿا ان ڪري ڀين سيني ٺاٽن جي راڳن کان ڀيروين ٺاٽ جا راڳ جدا ٿيو پون. ڀيروين ٺاٽ جا مشهور راڳ هي آهن.

ڀيروين- مالڪوس- آساوري- ڌناسري- ڀوپال- زنگوله- موتڪي- شُڌ ساونت- بسنت مکاري ۽ ڀلاس خاني ٽوڙي.

ڀيروين راڳ ڪي جيڪڏهن آساوري ٺاٽ تي ڳايو ويندو ته ان کي نٽ ڀيروين چئبو.

آساوري راڳ دراصل آساوري ٺاٽ جو راڳ آهي ۽ تيور رکب سان ڳايو ويندو آهي پر ڀيروين ٺاٽ جي ڪومل رکب سان ڳائبو ته به سندس شڪل ڪانه خراب ٿيندي.

www.sindhsalamat.com                    books.sindhsalamat.com

# آساوري ٺاٺ

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ڪومل | | | گندار | | | ڌيوت | نکاد |
| شڌ | کرج | رکب | — | مڌم | پنچم | — | — |
| تيور | | | | | | | |

اڳي ڀيروين تيور رکب سان ڳائي ويندي هئي پر هاڻي ڪومل رکب سان مڃي وڃي ٿي، ان ڪري ڪومل رکب کي جدا رکيو ويو ۽ تيور رکب جدا، ڪومل رکب واري ٺاٺ کي ڀيروين ٺاٺ ۽ تيور رکب واري ٺاٺ کي آساوري ٺاٺ تسليم ڪيو ويو.

آساوري ٺاٺ مان هي مشهور راڳ رواج ۾ آهن.

آساوري- جونپوري- ديوگندار- سنڌ- اڏانا- ڪوسي- درباري- ديسي- کٽ ۽ ڀيري.

آساوري راڳڻي کي تيور رکب سر لڳڻ جي ڪري ڀيروي ٺاٺ جي راڳڻي کان آسانيءَ سان جدا ڪري سگهجي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٽوڙي ٺاٽ

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ڪومل | | رکب | گنڌار | | | ڌيوت | |
| شڌ | کرج | | | | پنچم | | نکاد |
| تيور | | | | مڌم | | | |

ٽوڙي قسم جا جيڪي ٻہ راڳ وجود ۾ آهن سي سڀ مسلمانن جا ايجاد ڪيل آهن، ٽوڙي ٺاٽ ۾ مڌم جو سر تيور لڳي ٿو. ٽوڙي ٺاٽ جا مشهور راڳ هي آهن.

ٽوڙي- گوجري- ميان جي ٽوڙي- ملتاني- بهادري ٽوڙي-

ٽوڙي ٺاٽ کي نٽ ڀرالي ٺاٽ ٻہ ڪري سڏيندا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پوربي ٺاٽ

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ڪومل | | رکب | | | | ڌيوت | |
| شڌ | کرج | | گنڌار | | پنچم | | نکاد |
| تيور | | | | مڌم | | | |

پيروڻ ٺاٽ جي مڌم جي سرکي تيور ڪرڻ سان پوربي ٺاٽ پيدا ٿيو پوي، مڌم جي سر تيور هجڻ جي ڪري پوربي ٺاٽ جا راڳ پيروڻ ٺاٽ جي راڳن کان جدا ٿيو پون.

پوربي ٺاٽ مان جيڪي مشهور راڳ ڳايا وڃن ٿا اهي هي آهن:

پوربي- گوري- ريوا- ٻيا س- ديپڪ- تربيني- مالوي- ٽنڪيڪا- سري راڳ- جيت سري- بسنت- پرچ- ڌناسري- پوريا ڌناسري ۽ هنس نارائن.

راڳ ڌناسري پيروڻ ٺاٽ، پوربي ٺاٽ ۽ ڪافي ٺاٽ مان ڳايو ويندو آهي، اهو ڳائڻ واري تي ڇڏيل آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ماروا ٺاٺ

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ڪومل | | رکب | | | | | |
| شڌ | کرج | | گڌار | | پنچم | ڌيوت | نکاد |
| تيور | | | | مڌم | | | |

ماروا ٺاٺ جا راڳ فقط تيور ڌيوت لڳڻ جي ڪري پوربي ٺاٺ جي راڳن کان جدا ٿيو پون.

ماروا ٺاٺ جا جيڪي راڳ هن دور ۾ رواج ۾ آهن، سي هي آهن:

ماروا- پوريا- سهڻي- براري- جيت- ٻڪار- پٽيار- ٻياس- ساج گري- مالي گورا- پنچم- پوريا ڪليان- راڳ ٻياس پيرون ٺاٺ مان به ڳايو وينڌو آهي ته ماروا ٺاٺ مان به.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي ٺاٽ

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ڪومل | | | ڳنڌار | | | | نکاد |
| شڌ | کرج | رکب | | مڌم | پنچم | ڌيوت | |
| تيور | | | | | | | |

ڪافي جا راڳ ڪومل ڳنڌار ۽ ڪومل نکاد جي ڪري ٻين ٺاٽن جي راڳن کان جدا ٿيو پون.

ڪافي ٺاٽ مان نڪتل مشهور راڳ هي آهن.

ڌناسري- سنڌوي يا سيندورا- ڪافي- ڌاني- ڀيم پلاسي- بهار- مڌ مالا- باگيسري- حسيني ڪانهڙو- ميگهه ملار- رامداسي ملار ميان جي ملار- سوها- نيلا مبري- سور ملار- پٽ منجري- پرديپڪي شهانا- ديو ساک- هنس ڪنڪني- بند را بني- پيلو- ڪوسي ڪانهڙو نائڪي ڪانهڙو- ميان جو سارنگ- سگهرائي- شڌ سارنگ- پروا ساونت سارنگ- سري رنجني ۽ لنڪڌن.

اهي آهن اهي ڏهه ٺاٽ جيڪي موجوده زماني جي موسيقيءَ ۾ بنيادي حيثيت رکن ٿا، ۽ اهي آهن انهن ڏهن ٺاٽن مان نڪرندڙ راڳ جيڪي موجوده دؤر ۾ ڳايا وڄايا وڃن ٿا.

انهن راڳن کان سواءِ به ڪي اهڙا راڳ آهن جيڪي ڳايا ته وڃن ٿا پر ڪنهن باضابطه تحرير ۾ محفوظ نه ٿي سگهيا آهن. اهڙن راڳن جي مثال ۾ ڪوهياري راڳ اچي سگهي ٿو جهڪو ڳايو ته وڃي ٿو پر تحرير ۾ محفوظ نه آهي.

www.sindhsalamat.com                    books.sindhsalamat.com

# سنڌي گائڪي

مشهور آهي تہ هندستاني موسيقي اج کان ٽي هزار سال اڳ باقاعده رائج هئي، اهو زمانو شام ويد جو هو ۽ اهو راڳداريءَ جو فن شام ويد ۾ اج بہ محفوظ آهي.

موسيقيءَ ۾ زماني جي لحاظ ۽ مزاج جي ڪري تغير ايندو ٿي رهي ٿو جيئن اڳي، راڳ لاءِ ٽي گرام هوندا هئا- کرج گرام- گندارگرام ۽ مڌم گرام. سڀ راڳ انهن ٽن گرامن تي ڳايا ويندا هئا، پوءِ گندارگرام مفقود ٿي ويو، باقي بہ گرام کرج گرام ۽ مڌم گرام تي موسيقيءَ جو انحصار رهيو، ائين هر دؤر جي موسيقيءَ جي انداز ۾ ڦيرو ايندو رهيو ۽ هر دؤر ۾ موسيقيءَ تي نوان نوان ڪتاب لکيا رهيا، مگر افسوس آهي جو اهڙو ڪو بہ ڪتاب باقي ناهي رهيو جنهن تان ڏسي پراڻي موسيقيءَ جي رواج ۽ مروج موسيقيءَ جي انداز جي ڀيٽ ڪري سگهجي.

اج کان اٽڪل ست سؤ سال اڳ پنڊت سارنگ ديو رتناڪر نالي هڪ ڪتاب موسيقيءَ تي لکيو مگر اهو ڪتاب بہ قديم سنسڪرت ۾ هئڻ جي ڪري سمجهہ کان ٻاهر آهي.

اهو اهو ئي زمانو آهي جنهن موسيقيءَ جا ماهر حضرت امير خسرو ۽ نائڪ گوپال جهڙا گن وارا ماڻهو پيدا ڪيا، ۽ اهو ئي زمانو آهي جنهن ۾ هندستاني موسيقيءَ ۾ انقلاب آيو ۽ ان ۾ پيا راڳ ملائي نوان راڳ پيدا ڪيا ويا، مثلاً ايمن ڪليان.

يمن هڪ ملڪ جو بہ نالو آهي ۽ هڪ غير هندستاني راڳ جو بہ نالو آهي، حضرت امير خسرو يمن جي سرن کي ڪليان جي سرن ۾ ملائي راڳ ايمن ڪليان ايجاد ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان کان سواء حضرت امير خسرو غمارا، زيلف، نوروچڪا (نوروز) جهنگلہ (زنگولہ) هجيج (حجاز) سر پردا، تـراڻہ، قول، نقش گل وغيره بہ ايجاد ڪري هندستاني موسيقيءَ ۾ انقلاب آڻي ڇڏيو، ائين موسيقيءَ جي قافلي ۾ پيا راڳ بہ شامل ٿيندا ويا ۽ قافلو اڳتي وڌندو رهيو.

موسيقيءَ جي عالمن انهي زماني کان محسوس ڪيو تہ سرن جو ڪو ناه اهڙو بہ آهي جيڪو سنڌ جو مخصوص حصو آهي، ۽ اهڙن سرن جي ناه مان سنڌ جي خاص موسيقيءَ جو انداز ظاهر ٿو ٿئي ان ڪري سر دوَر ۾ تسليم ڪندا آيا تہ اهو نمونو سنڌي راڳ جو آهي ان ڪري ئي اهڙن راڳن کي سنڌي پرڪاش جا راڳ چوڻ لڳا. جيئن ڪتاب لڪش سنگيت جي لکڻ واري پنڊت چتر راڳ سري ٺٺڪ جي باري ۾ چيو آهي تہ: ڪامورڌني سري ٺٺڪ مانت نر سنڌي پرڪاش پهر پنچم نيوت ڪر. تـرون انش رکب مدراج جهت جب گوري برنت اگ مالوي اندچتر.

انهن ڳالهين مان ظاهر آهي تہ قديم زماني کان وٺي سنڌي راڳ هندستان جي موسيقيءَ ۾ عام طرح سان رائج هئا جن کي ڳائڻ وارا ڏاڍي چاه سان ڳائيندا هئا، اهي نج سنڌي راڳ سرن جي ناه جي لحاظ سان تہ سنڌ جا راڳ هئا، مگر هندستان ۾ ڳائجڻ جي ڪري مٽن شاستري نالا پئجي ويا، جيئن سري ٺٺڪ آهي تہ نج سنڌي راڳ پر سندس نالو سري ٺٺڪ رکيو ويو.

موسيقيءَ جي عالمن ۽ عاملن سنڌي راڳ جو نہ صرف انداز ئي محسوس ڪيو پر هڪ اهڙو قانون بہ وضع ڪيو تہ جنهن راڳ ۾ ڪومل رکب، ڪومل ڌيوت ۽ تيور گنڌار تيور نکاد جا سر لڳن اهو راڳ سنڌي پرڪاش جو راڳ آهي.

موسيقيءَ جي عالمن ۽ عاملن اهو هڪ موسيقيءَ جو اهڙو قانون وضع ڪري ڇڏيو جنهن جي بنا تي اسين سنڌي راڳ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀين راڳڻ کان جدا ڪري سگهون ٿا. انهي قانون جي لحاظ سان هر اهو راڳ جنهن ۾ ڪومل رکب، ڪومل ڌيوت ۽ تيور گنڌار ۽ تيور نکاد جا سر لڳن ٿا. سنڌي راڳ آهن.

جڏهن موجوده موسيقيءَ جي نظام تي پنڊت چتر لڪش سنگيت نالي مستند ڪتاب لکيو تڏهن هن به ڪيترن ئي پوربي ٺاٺ ۽ ماروا ٺاٺ جي راڳڻ کي سنڌي پرڪاش جا راڳ ڄاڻايو آهي، جن جو ذڪر اڳتي ڪيو ويندو، پنڊت چتر جو لکيل مستند ڪتاب لڪش سنگيت ئي آهي جيڪو موجوده زماني ۾ موجوده راڳڻ لاءِ مستند ڪتاب آهي، موجوده دؤر ۾ معارف النغمات به لڪش سنگيت جي اصول تي لکيل ڪتاب آهي.

O

www.sindhsalamat.com                    books.sindhsalamat.com

# سنڌي راڳ

سنڌي راڳ ٻن قسمن جا وجود ۾ آهن، هڪڙا اهي راڳ آهن جيڪي موسيقيءَ جي قانون جي لحاظ سان سنڌي پرڪاش جا راڳ تسليم ڪيا ويا آهن. اهي آهي راڳ آهن جن جي سرن جي ملاوٽ سان هڪ خاص انداز پيدا ٿئي ٿو جنهن کي سنڌي انگ سڏجي ٿو، اهڙا راڳ صدين کان گرنٿن ۾ به درج ٿيل آهن ۽ موسيقار به انهن کي دلپسند انداز ۾ ڳائيندا هئا، انهن راڳن ۾ به موسيقيءَ جو هڪ خاص حظ ملي ٿو جيڪو پڻ موسيقيءَ جو اهم جزو آهي، جيڪڏهن انهن سنڌي پرڪاش جي راڳن ۾ موسيقيءَ جي قانون سان اڻڀٽت هجي ها، يا ڳائڻ ۾ نامانوس هجن ها ته هندوستاني موسيقيءَ جا عالم ڪڏهن به اهڙن راڳن جو ذڪر پنهنجن ڪتابن ۾ نه ڪن ها ۽ موسيقار ڪڏهن به اهڙن نامانوس راڳن کي نه ڳائين ها، پر جيئن ته سنڌ جو راڳ به هندوستان جي موسيقيءَ جو اهم جزو آهي ۽ دلپسند به آهي ان ڪري سنڌي راڳن جو ذڪر هندوستان جي موسيقيءَ ۾ به ملي ٿو ۽ موسيقار به انهن راڳن کي ڳائيندا هئا.

اهڙا سنڌي راڳ جيڪي هندوستان جي موسيقي جي ڪتابن ۾ ملن ٿا اهي آهن پوربي ۽ مارو ٺاٺ جا راڳ ۽ انهن سنڌي راڳن جي سڃاڻپ اها آهي ته انهن ۾ ڪومل رکب ۽ ڪومل ڌيو، تيور گنڌار ۽ تيور نکاد جا سر لڳل هوندا، ڇو جو انهن ئي سرن جي لڳڻ جي ڪري راڳ مان سنڌي انگ نمايان ٿئي ٿو ۽ اهو موسيقيءَ جو قانون به آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪڙا ته اهي راڳ آهن جيڪي وجود ۾ اچي چڪا آهن ۽ ٻيا اهي راڳ آهن جيڪي وجود ۾ ايندا ان ڪري جيڪي راڳ ايندڙ زماني ۾ وجود ۾ ايندا انهن ۾ جي ڪومل رکب ڪومل ڌيوت ۽ تيور گنڌار ۽ تيور نکاد جا سر لڳل هوندا ته انهن کي به سنڌي راڳن ۾ شمار ڪيو ويندو ڀلي اهي راڳ هندستان ۾ وجود ۾ اچن يا ڪنهن ٻئي ملڪ ۾.

ٻيا اهي سنڌي راڳ آهن جن جو ذڪر موسيقيءَ جي پراڻن ڪتابن ۾ ڪونه ٿو ملي بلڪ اڻين ڪٽي ڇڏجي ته به سنڌ کان ٻاهر وارا موسيقار اهڙا انهن سان مانوس نه ٿيا آهن جهڙوڪ ڪوهياري.

ڪوهياري هڪ مڪمل راڳ آهي جيڪو سنڌ ۾ عام ڳايو وڃي ٿو پر موسيقيءَ جي مستند ڪتابن ۾ ان جو ڪوبه ذڪر ناهي، ۽ سنڌ کان ٻاهر جا موسيقار انهي راڳ کان گهٽ واقف آهن.

هتي پهرين انهن راڳن جو ذڪر ڪيو ٿو وڃي جن ۾ ڪومل رکب ڪومل ڌيوت جا سر ۽ تيور گنڌار ۽ تيور نکاد جا سر به لڳن ٿا. انهن جو ذڪر موسيقيءَ جي مستند ڪتابن ۾ به آهي ۽ انهن کي سنڌي پرڪاش جا راڳ، تسليم ڪرڻ جا به اعتراف آهن.

www.sindhsalamat.com                    books.sindhsalamat.com

## پوربي ٺاٽ مان نڪتل راڳ

پوربي ٺاٽ هيٺن آهي.

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ڪومل | | رکب | | | | ڌيوت | |
| شڌ | کرج | | گنڌار | | پنچم | | نکاد |
| تيور | | | | مڌم | | | |

کرج - ڪومل رکب - تيور گنڌار - تيور مڌم - پنچم - ڪومل ڌيوت ۽ تيور نکاد.

هن ٺاٽ ۾ سنڌي راڳن پيدا ٿيڻ ۽ ڪرڻ جا لڇڻ ڪومل رکب. ڪومل ڌيوت. تمور گنڌار ۽ تيور نکاد ملن ٿا، تيور گنڌار ۽ تيور نکاد، شڌ گنڌار ۽ شڌ نکاد آهن، کرج ۽ پنچم جا سراچل آهن جن ۾ ڪابہ ڦير گهير ڪانہ اچي. مڌم جو سر ڪومل ڪونہ ٿيندو آهي. اهو يا شڌ لڳندو آهي يا تيور. هن ٺاٽ ۾ مڌم جو سر تيور لڳي ٿو، ان ڪري هن ٺاٽ جا راڳ پيروَن ٺاٽ جي راڳن کان جدا ٿيو بيهن، ڇو جو پيروَن ٺاٽ ۾ مڌم جو سر شڌ لڳندو آهي، ٻيا سڀ سر ساڳيا هوندا آهن. جيڪڏهن پيروَن ٺاٽ جي ڪنهن راڳ مان مڌم جو سر ورج ڪيل هجي تہ اهو راڳ بہ سنڌي راڳ ٿي پوندو.

جيئن تہ تيور مڌم بہ سنڌي راڳن لاءِ هڪ مددگار سر آهي. ان ڪري پوربي ٺاٽ جي راڳن مان ئي سنڌي انداز وڌيڪ معلوم ٿيندو آهي ڇو جو پوربي ٺاٽ ۾ تيور مڌم استعمال ٿيندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي راڳ پوربي انگ ۾ نه پر سري راڳ انگ ۾ ڳايو وېندو آهي- هن راڳ جو واري سر پنچم آهي ۽ سموادي سر کرج آهي. راڳ گوريءَ ۾ گنڌار ورج آهي ۽ مالويءَ ۾ نکاد آروهيءَ ۾ ورج آهي انهي ڪري سري ٽنڪ راڳ انهن راڳڻ کان جدا ٿيو پوي. هي راڳ موسيقيءَ جي قانون جي لحاظ سان نج سنڌي راڳ آهي.

ياد رکڻ گهرجي ته راڳن جي شڪل فقط ڪنهن سرکي ڪومل يا تيور ڪرڻ سان به بدلجو وڃي.

لڇڻ ٻول راڳ سري ٽنڪ تين تال
سري ٽنڪ جو راڳ نيارو
سمپورن هـــي راڳ پيارو
ٿاٽ پوربي وادي پنچم
سموادي سرکرج تي قائم
'هر رنگ' ڳائي ڳائڻ وارو.

## جيت سري

پوربي ٿاٽ جو هي راڳ اوڊو سمپورن راڳ آهي، يعني ته هن راڳ جي آروهيءَ ۾ پنج سر ۽ امروهيءَ ۾ ست سر لڳن ٿا، هن راڳ جي آروهي امروهي هيٺن آهي.

آروهي-کرج- تيور گنڌار- مڌم تيور- پنچم ۽ تيور نکاد.

امروهي- کرج- رکب ڪومل- تيورگنڌار- تيور مڌم- پنچم ڪومل ڏيوت ۽ تيور نکاد.

هن راڳ جي امروهيءَ ۾ سڀ سنڌي لڇڻ يعني ته رکب ڪومل- ڏيوت ڪومل ۽ تيورگنڌار ۽ تيور نکاد آهن ۽ آمروهيءَ ۾ تيورگنڌار ۽ تيور نکاد نه آهي پر ٻئي ڪومل سر يعني رکب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ ڏيوت ورج آهن، هن راڳ جي باري ۾ پنڊت چتر پنهنجي سنگيت جي ڪتاب لڪش سنگيت ۾ لکي ٿو ته:

اهو بل راڳ لکت جيت سري ويدي يت ڪام
ور ڏني جنت سنڌي پرڪاش اچت
اڌ روه ڏاوي يت گره سرني اچت انش گنڌار
ڪرت چتر هر دي هرڪت

انهي شبد مان ظاهر آهي ته جيت سري سنڌي پرڪاش جو راڳ آهي جنهن ڪي نه فقط پنڊت چتر ٿو مڃي پر اها راءِ اهو پل جي به آهي.

هن راڳ ۾ براري- ديسڪار ۽ ڏولسري راڳ ملن ٿا ۽ هيءَ ٻي اهڙو راڳ آهي جنهن ۾ شام جي وقت آروهي ۾ رکب ۽ ڏيوت جا سر ورج ٿيل ملن ٿا.

ڪي موسيقار هن راڳ جو وادي سر گنڌار مڃين ٿا ته ڪي ڪرج ڪي وادي سر سمجهن ٿا- هن راڳ جي ڳائڻ جو وقت شام آهي، جيت سري به نج سنڌي راڳ آهي جنهن جو سنڌي ناالو ڪو پيو ئي ٿي سگهي ٿو.

لچڻ پول راڳ جيت سري          تين تال
هر رنگ جيت سريءَ ڪي ڳايو
ٺاٺ پوربي راس رچايو
آروهيءَ مان ري- ڌا ورجيو
امروهي سمپورن رکجو
وادي سر گنڌار لڳايو.

www.sindhsalamat.com          books.sindhsalamat.com

هي راڳ سنڌ ۾ سري راڳ جي نالي سان ڏي مشهور آهي- هن راڳ جا لڇڻ هي آهن.

لڇڻ ٻول سري راڳ		تين تال

هر رنگ گني سري راڳ گاءِ تون
پوربي ٺاٺ جو آهي سرگم
آروهي گا ڌاڻ ڪر تون
امروهي سمپورن ڪر تون
وادي ري سموادي پنچم.

٥

www.sindhsalamat.com		books.sindhsalamat.com

# مالوي

راڳ مالوي پوربي ٺاٽ جو سمپورن راڳ آهي- هن راڳ جي آروهي امروهي هيٺن آهي.

آروهي-کرج- ڪومل رکب- تيور گنڌار- تيور مڌم- پنچم ڪومل ڌيوت ۽ تيور نکاد.

امروهي-کرج تيور نکاد- ڪومل ڌيوت- پنچم- تيور مڌم- تيور گنڌار ۽ ڪومل رکب.

هن راڳ جي آروهيءَ ۾ نکاد ۽ امروهيءَ ۾ ڌيوت جا سر ڪمزور لڳندا آهن. هن راڳ ۾ سنڌي راڳ جا سڀ لڇڻ يعني ڪومل رکب، ڪومل ڌيوت، تيور گنڌار ۽ تيور نکاد جا سر موجود آهن. هن راڳ ۾ گنڌار ۽ پنچم جي سرن جي سنگت سٺي معلوم ٿيندي آهي ۽ اهوئي سنڌي راڳن جو حسن آهي. ڪتاب معارف النغمات جي مصنف به هن راڳ کي سنڌي پرڪاش جو راڳ تسليم ڪيو آهي. جيئن ته پوربي ٺاٽ جي راڳن ۾ تيور مڌم جو سر استعمال ٿيندو آهي ۽ هي راڳ به پوربي ٺاٽ جو آهي ان ڪري مالوي راڳ جي ڳائڻ جو وقت شام ٿي ٿي سگهي ٿو.

هن راڳ جو وادي سر رکب آهي- هي راڳ به سري راڳ جي انگ تي ڳايو ويندو آهي- اهو به ڏٺو ويو آهي ته پوربي ٺاٽ جا راڳ جيڪي سري راڳ جي انگ تي ڳايا ويندا آهن سي گهڻو ڪري سنڌي راڳ هوندا آهن، هن راڳ جا لڇڻ ٻول هي آهن:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڇڻ ڀــوڻ راڳ مــالوي جهپ تال

پورب ٺاٺ مان مالوي ڳايو
وادي سر تنهن جو رکب بنايو
آروهي ني کـي امروهي ڌا کــــي
ڪمزور سمجهي دربل لـڳايــــو
هررنگ ڳجر جون آهڙيون ڳالهيون
جيڪو پڇي تنهن کي ڳائي ٻڌايو.

هندستان جي موسيقيءَ ۾ پوربي ٺاٺ مان مالوي راڳ هڪ نئون راڳ آهي، تي سگهي ٿو ته اهو راڳ سارئي راڳ هجي.

## راڳــ ترون

پوربي ٺاٺ جي راڳ ترون کي ترييني به چوندا آهن، هن راڳ جي آروهي امروهيءَ مان مڌم جو سر ورج ٿيل يعني خارج ٿيل آهي هن راڳ جي آروهي امرهي هن ريت آهي.

آروهي- کرج- ڪومل رکب- تيور گنڌار- پنچم- ڪومل ڌيوت ۽ تيور نکاد.

امروهي- کرج- تيور نکاد- ڪومل ڌيوت- پنچم- تيور گنڌار ۽ ڪومل رکب.

هن راڳ جو وادي سر رکب اهي ۽ سري راڳ انگ تي ڳايو ويندو آهي. هن راڳ ۾ به گنڌار ۽ پنچم جي سنگت سني لڳندي آهي هن راڳ ۾ به سنڌي راڳن جا سڀ لڇڻ موجود آهن. مثلاً:

ڪومل رکب- تيورگنڌار- ڪومل ڌيوت ۽ تيور نکاد جا سر به لڳن ٿا. وادي سر رکب به آهي سري راڳ انگ ۾ به ڳايو ويندو آهي ۽ گنڌار ۽ پنچم جي سنگت به سٺي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيءُ ڳالهه به ياد رکڻ گهرجي ته پوربي ٺاٺ جا اهي راڳ جيڪي سري راڳ انگ ۾ ڳايا ويندا آهن تن جو وادي سر گهڻو ڪري رکب ٿي هوندو آهي اها سنڌي راڳن جي نشاني آهي.

هي راڳ ڪاڌو ڪاڌو راڳ آهي ۽ مڌم جي سر جي نڪرڻ جي ڪري گنڌار ۽ پنچم جي سنگت ٿهي ٿي. هن راڳ جي شڪل امروهيءَ ۾ وڌيڪ کلي ٿي- هن راڳ جا لڇڻ بول هي آهن:

لڇڻ بــول راڳ تــــرون تين تال
'هر رنگ' ڳايو ڪاڌو ترون
پوربي ٺاٺ ۾ مڌم نه لڳن
وادي رکب جـــي سر کي بنايو
شام رات جـــي وقت ۾ ڳايو
گاپا سنگت نادي ڌن نــادي ڌن.

O

# راڳ- ريوا

پوربي ٺاٽ جو هي راڳ اوڊو يعني پنجن سرن جو راڳ آهي، هن راڳ جي آروهي امروهيءَ ۾ مڌم ۽ نکاد جا سر ڪونہ لڳندا آهن، هن راڳ جي آروهي امروهي هيٺين آهي.

آروهي- کرج- ڪومل رکب- تيور گندار- پنچم ۽ ڪومل ڌيوت

امروهي- کرج- ڪومل ڌيوت- پنچم- تيور گندار ۽ ڪومل رکب

گندار يا کرج هن راڳ ۾ وادي سر ڪجي ۽ رکب سر سموادي ڪجي، هن راڳ ۾ ٻہ پنچم ۽ گندار جي سرن جي سنگت رهندي آهي ۽ هي راڳ بہ سري راڳ انگ ۾ ڳايو ويندو آهي.

مڌم ۽ نکاد جي سرن نہ لڳڻ سان هن راڳ جي سنڌي شڪل نٿي بدلجي ڇو جو هي راڳ سري راڳ انگ ۾ ڳايو وڃي ٿو ۽ هن راڳ ۾ پنچم ۽ گندار جي سنگت بہ آهي ڪومل رکب ۽ ڪومل ڌيوت جا سر بہ لڳن ٿا تيور گندار بہ آهن ان ڪري هن راڳ جي سنڌي شڪل برقرار رهي ٿي. هن راڳ جي ڳائڻ جو وقت شام آهي. هي راڳ مڌم ۽ نکاد جي سرن نہ لڳڻ جي ڪري راڳ ترڙن ۽ سري ٽنڪ کان جدا نظر ايندو آهي- هن راڳ جا لڇڻ ٻول هي آهن:

لڇڻ ٻــول راڳ ريــوا  دادرو

’هر رنگ‘ ريوا کي ڳاءِ

پـورب ٺـــاٽ مـــلاءِ

اوڊو هي راڳ آهي

ماڌي سر نـــہ لڳاءِ

ريکب سموادي ڪـــر

گاکي وادي ٻـــنـــاءِ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# راڳ پرچ

راڳ پرچ پوربي ٺاٺ جو سمپورن راڳ آهي يعني هن راڳ جي آروهي امروهيءَ ۾ پوربي ٺاٺ جا سڀ سر لڳن ٿا. هن راڳ جي آروهي امروهي هيٺن آهي:

آروهي کرج- ڪومل رکب- تيور گنڌار- تيور مڌم- پنچم- ڪومل ڌيوت ۽ تيور نکاد۔

امروهي- کرج- تيور نکاد- ڪومل ڌيوت- پنچم- تيور مڌم- تيور گنڌار ۽ ڪومل رکب۔

هن راڳ ۾ سنڌي راڳ جا سڀ سر يعني آروهي امروهيءَ ۾ ڪومل رکب- تيور گنڌار- ڪومل ڌيوت ۽ تيور نکاد موجود آهن. هي راڳ رات جو راڳ آهي ان ڪري هن ۾ تيور مڌم ٻي بهتر سر آهي. هن راڳ جو وادي سر کرج آهي ۽ نکاد جي سر تي زور رهندو آهي ان ڪري بسنت راڳ کان جدا معلوم ٿيندو آهي- هونءَ به راڳ بسنت جي آروهيءَ ۾ پنچم جو سر نه لڳندو آهي ان ڪري به هيءُ راڳ بسنت راڳ کان جدا معلوم ٿيندو آهي- هن راڳ جي شڪل بسنت راڳ سان ملي ٿي. هن راڳ جي ڳائڻ جو وقت رات آهي. هي راڳ مٺين سرن ۾ ڳائڻ سان مزيدار ٿيندو آهي، هن راڳ جا لڇڻ ٻول هي آهن:

لڇڻ ٻول راڳ پرچ — تين تال

پرچ پرچ هر رنگ راڳ سان
سمپورن ڪريو پوربي ٺاٺ مان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تارا ستان ڪرج سر ۽ادي
زور نڪاد ني هر هر رکجان
رات وقت هي راڳ ٿهي تو
گن ساگر ۾ تبي ڏئي ڏسجان

موجوده زماني ۾ راڳ پرچڪي راڳ ايلاز سڏي سگهجي ٿو ڇو جو هن راڳ جي مزاج ۾ اهڙا مضمون سهٽي نموني ۾ ادا ٿي سگهندا.

٥

# راڳ بسنت

پوربي ٺاٺ جو هيءُ راڳ کاڊو سمپورن راڳ آهي. هن راڳ جي آروهيءَ ۾ پنچم جو سر ورج يعني خارج ڪيل آهي هن راڳ جي آروهي امروهي هن ريت آهي:

آروهي-کرج- ڪو ل رکب- تيور گنڌار- تيور مڌم- ڪومل ڌيوت ۽ تيور نکاد.

امروهي-کرج- تيور نکاد - ڪومل ڌيوت- پنچم- تيورمڌم تيور گنڌار ۽ ڪومل رکب.

هي راڳ هندوستاني موسيقارن جي ايجاد آهي پر جيئن ته هي راڳ سنڌي راڳن جي خاندان مان آهي ۽ هن راڳ ۾ به سنڌي پرڪاش جا سر تيور نکاد - ڪومل ڌيوت- تيورگنڌار ۽ ڪومل رکب جا سر لڳن ٿا ان ڪري هن راڳ کي سنڌي راڳ تسليم ڪرڻو ٿي پوندو.

هن راڳ جو وادي سر تاراستان جو کرج آهي- هن راڳ ۾ مڌم ۽ گنڌار جا سر وري وري لڳايا ويندا آهن ان ڪري هي راڳ پرج راڳ کان جدا ٿي پوندو آهي. آروهيءَ ۾ پنچم جو سر نه لڳائڻ جي ڪري به هي راڳ پرج کان جدا محسوس ٿيندو آهي هن راڳ جا لڇڻ ٻول هي آهن:

لڇڻ ٻول راڳ بسنت جهپ تال

ڳايو بسنت راڳ آئي بسنت آئي

کاڊو سمپورن- وڃي ٿي شهنائي

پورب ٺاٺ مان- هي راڳ ڳايو

آروهيءَ ۾- پنچم نه لايو

هر رنگ وادي سا تو ڀڏائي.

O

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# راڳ سامونڊي

پوربي ٺاٺ جو هي راڳ ڪاڊو سمپورن راڳ آهي، يعني نہ هن راڳ جي آروهيءَ ۾ مڌم جو سر نٿو لڳي. راڳ سامونڊيءَ جي آروهي امروهي هن ريت آهي.

آروهي- کرج- ڪومل رکب- تيور گنڌار- پنچم- ڪومل ڌيوت ۽ تيور نکاد.

امروهي-کرج- تيور نکاد - ڪومل ديوت- پنچم- تيور مڌم تيورگنڌار ۽ ڪومل رکب.

هن راڳ ۾ سنڌي راڳ جا لڇڻ يعني ڪومل رکب- تيورگنڌار، ڪومل ڌيوت ۽ تيور نکاد موجود آهن. آروهيءَ مان فقط مڌم جو سر ورج ڪرڻ سان هي راڳ پوربي ٺاٺ جي ٻين راڳن کان جدا ٿيو پوي. هن راڳ جو وادي سر تيورگنڌار ۽ ۽ سموادي سر تيرر نکاد آهي. هن راڳ ۾ ٻہ گنڌار ۽ پنچم جي سنگت سٺي لڳندي آهي- هي راڳ پوربي ٺاٺ جو تيور مڌم جو راڳ آهي ان ڪري هن راڳ جي ڳائڻ جو وقت رات آهي- هي راڳ برصغير هند و پاڪ جي موسيقيءَ جي ڪتابن جو راڳ نہ آهي بلڪ راقم الحروف جو ايجاد ڪيل نج سنڌي راڳ آهي. هي راڳ سري راڳ انگ ۾ ڳايو ويندو آهي. راڳ سامونڊيءَ جا لڇڻ ٻول هي آهن.

لڇڻ ٻول راڳ سامونڊي — تين تال

ڳايو سڀ سامونڊي ڳايو

ڳڌجي هر رنگ سڀ کي ٻڌايو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آروهيءَ ڪـــــي ڳايو ما بن
امروهي ڪــرـــو سمپورن
پورب ٺاٺ سري انگ لايو.

اهي هتا موجوده زماني جا اهي نج سنڌي راڳ جن کي راڳ جي قانون مطابق سنڌي ميجبي ٿو. قديم زماني جي نائڪن ۽ گائڪن به اهڙن راڳن کي سنڌي پرڪاش جا راڳ تسليم ڪيو آهي.

انهن راڳن کي نج سنڌي راڳ تسليم ڪرڻ جو جواز هي آهي ته انهن راڳن ۾ ڪومل رکب، تيور گنڌار، ڪومل ڌيوت ۽ تيور نکاد جـا سر لڳن ٿا. اهي لڇڻ پوربي ٺاٺ ۾ ئي ملن ٿا. سنڌي راڳن جي حسن کي وڌائڻ لاءِ گنڌار ۽ پنچم جي سنگت سٺي آهي.

سنڌي راڳن کي سري راڳ انگ ۾ ڳايو ويندو آهي نه پوربي ٺاٺ انگ ۾، سنڌي خـاندان جي راڳن ۾ وادي سر رکب وڌيڪ سٺو لڳندو آهي.

جيڪڏهن ڪو به انهن لڇڻن وارو راڳ وجود ۾ آيو ته ان کي به سنڌي خاندان جو راڳ تسليم ڪيو ويندو.

سنڌ جا ڪي راڳ اهڙا آهن جن کي قانوني لحاظ سان سنڌي راڳ تسليم ڪيو ويو، پر سنڌ جا ڪي راڳ اهڙا به آهن جيڪي سنڌ جو اصل ورثو آهن. اهڙا راڳ پنهنجي نائن مان به وجود ۾ آيا ۽ نائڪن ۽ گائڪن متفقه طور تي اهڙن راڳن کي قديم زماني کان سنڌي راڳ تسليم ڪيو، اهي راڳ هي آهن.

## راڳ — مارو

مارو ٺاٺ جو راڳ مارو ڪاڊو راڳ آهي يعني هن راڳ ۾ آروهي امروهيءَ ۾ پنچم جو سر نه لڳندو آهي. هن راڳ جي آروهي امروهي هن ريت آهي.

آروهي- ڪرج- ڪومل رکب- تيور گنڌار- تيور مڌم- تيور ڌيوت ۽ تيور نکاد.

امروهي- کرج- تيور نکاد- تيور ڌيوت- تيور مڌم- تيور گنڌار ۽ ڪومل رکب.

هن راڳ جي سنڌي پرڪاش جي راڳ هيٺ جي باري ۾ راڳ جي مستند ڪتاب لکش سنگيت جو مصنف پنڊت چتر هيئن لکي ٿو:

ميل گمن شري ڪوڪرت پنچم سرنت ور جت
سنڌي پرڪاش سهي گت مارو تب شاستر سمت
ڌيوت ڪو اونش ڪهت انگ هنڊولي انگت
ساگا وادي اپر ڪهت واهو چتر ڪو ايي مت

راڳ مارو جو وادي سر گنڌار يا کرج هيٺ گهرجي جيئن ته ڏنل شبد ۾ خود پنڊت چتر به اٿين لکيو آهي، هن راڳ ۾ رکب جو سروڪر ڪري يعني اڳتي پوئتي ڪري لڳائجي ته سٺو لڳندو. هي راڳ شام جي وقت جو راڳ آهي، هن راڳ ۾ پنچم جو سر هرگز نه لڳائجي جي پنچم جو سر لڳايو ويندو ته راڳ ۾ مارو جي شڪل نه بيهندي، هن راڳ جو سموادي سر ڌيوت آهي.

هن راڳ جا لڇڻ پول هن ريت آهن:

www.sindhsalamat.com 	books.sindhsalamat.com

لڇڻ ٻول راڳ ماروا تين تال

’هر رنگ‘ راڳ ماروا ڳائج
پنچم سر کي هٿ به نه لائج
ماروا ٺاٽ جو ڪاڊو ڪاڊو
وادي سر گا ساکي بنائج.

## راڳ پوريا

ماروا ٺاٽ جو هيءُ راڳ به ڪاڊو يعني ڇهن سرن جو راڳ آهي. هن راڳ جي به آروهي امروهيءَ ۾ پنچم جو سر نه لڳندو آهي. هن راڳ جي اروهي امروهي هيٺن آهي.

آروهي- کرج- ڪومل رکب- تيور گنڌار- تيور مڌم- تيور ڌيوت ۽ تيور نکاد.

امروهي-کرج- تيور نکاد- تيور ڌيوت- تيور مڌم- تيور گنڌار ۽ ڪومل رکب.

هن راڳ ۾ راڳ ماروا وارا ساڳيا سر لڳن ٿا.

هن راڳ جو به وادي سر گنڌار آهي ۽ سموادي نکاد آهي. راڳ ماروا جو سموادي سر ڌيوت آهي ۽ پوريا جو سموادي سر نکاد آهي ان ڪري هي راڳ ماروا کان جدا ٿيو پوي.

ياد رکڻ گهرجي ته ساڳئي سرن جا راڳ فقط وادي يا سموادي سر ڦرڻ جي، ڪري هڪ ٻئي کان جدا ٿيو پون، هن راڳ جي ڳائڻ جو وقت شام آهي، جي هن راڳ جي مٿين سرن تي زور ڏبو ته راڳ سهڻو ٿي پوندو ان ڪري هن راڳ کي هيٺين سرن ۾ ڳائجي، هن راڳ ۾ نکاد ۽ رکب ۽ نکاد ۽ مڌم جي سنگت سٺي لڳندي آهي- هن راڳ جي شڪل نکاد ۽ ڌيوت تي اچڻ سان پيدا ٿيندي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راڳ پوريا کي ٻه لڪش سنگيت جي مصنف پنڊت چتر سنڌي ماحول جي راڳڻ ۾ شمار ڪيو آهي، انهي باري ۾ سندس هڪ شبد هن ريت آهي ته:

پوري آس سکي موري من کي چتر پيا موهي راڳ سنائي
ميل گمن شري پنچم ورجت وادي گنڌار سرس ٻتلائي
پورو انگ پر بل ماني سنگت مندر ني ڌاني سر چتر دکائي
سنڌي پرڪاش سمي ات سوچت مومن او ٻهت سک اپجائي.

راڳ پوريا جا لڇڻ ٻول هي آهن:

لڇڻ ٻول راڳ پوريا          دادرو
'هر رنگ' پوريا ڳاءِ
پنچم سر ڪين لاءِ
وادي گنڌار آهي
سموادي سر نکاد
ٺاٺ ڪر ماروا کي
گن کي من ۾ سماءِ.

○

www.sindhsalamat.com                    books.sindhsalamat.com

# راڳ مالیگورا

هي راڳ ماروا ٺاٽ جو سمپورن راڳ آهي، هن راڳ جي آروهي امروهي هن ريت آهي.

آروهي- کرج- ڪومل رکب- تيور گنڌار- تيور مڌم- پنچم- تيور ڌيوت ۽ تيور نکاد.

امروهي- کرج- تيور نکاد- تيور ڌيوت- پنچم- تيور مڌم- تيور گنڌار ۽ ڪومل رکب.

ماروا ٺاٽ جي هن راڳ کي ٻه لکش سنگيت جي مصنف پنڊت چتر سنڌي ماحول جو راڳ تسليم ڪيو آهي. ان ٻاري ۾ سنڌس هڪ شبد هن طرح آهي ته:

ڪر ياد چتر تو آج گوراڪي سر شاستر سو سنمت گمن
سري ڪي ٺاٽ ڪر.
سمپورن سموادي ري پا سر ڌيوت دواوڪوا و ماني
گائي ان برت سنڌي سمي گت پورت سب مان ڪاج ڪر

مالیگورا راڳ جو وادي سر رکب آهي ۽ اتان ئي راڳ شروع ٿئي ٿو. هن راڳ کي، سري راڳ انگ ۾ ڳايو وڃي، تيور مڌم لڳڻ جي ڪري هن راڳ جي ڳائڻ جو وقت شام يا رات ٿي سگهي ٿو. هن راڳ جا لچڻ ٻول هن ريت آهن.

لچڻ ٻول راڳ مالیگورا تين تال

'هر رنگ' مالیگورا ڳاءِ تون
ماروا ٺاٽ جا سڀ سر لاءِ تون
وادي رکب سر کي بنائي
شام جي وقت پيلي ڏس ڳائي.
راڳ سري جو انگ لڳاءِ تون.

## راڳ سنڌوي براري

مارو ٺاٺ جو هي راڳ ڪاڊو سمپورن آهي يعني هن راڳ جي آروهيءَ مان مڌم جو سر ورج ڪيل يعني خارج ڪيل آهي. هن راڳ جي آروهي امروهي هن ريت آهي.

آروهي- کرج- ڪومل رکب- تيور گنڌار- پنچم- تيور ڌيوت ۽ تيور نکاد.

امروهي- کرج- تيور نکاد- تيور ڌيوت- پنچم- تيور مڌم تيور گنڌار ۽ ڪومل رکب.

هن راڳ جو ذڪر ٺاڪر نواب علي خان پنهنجي ڪتاب معارف النغمات جي براري راڳ ۾ ڪيو آهي، ۽ لکيو اٿس ته سنڌوي براري يا ٻئي قسم جا راڳ براري اڄ ڪلهه رواج ۾ نه آهن.

هي راڳ نج سنڌي راڳ آهي جيئن ته سنڌس نالي مان ئي ظاهر آهي، هن راڳ جو وادي سر رکب ۽ سموادي سر پنچم آهي. مڌم جو سر آروهيءَ ۾ نه لڳڻ جي ڪري هيءُ راڳ راڳ ماليگورا کان جدا ٿيو پوي. هن راڳ ڳائڻ جو وقت شام آهي.

هي راڳ هندستاني موسيقيءَ جو هڪ وچاڻن راڳ آهي جيڪو رواج ۾ نه اچڻ جي ڪري رهجي ويو.

هن راڳ ۾ ٻه گنڌار ۽ پنچم جي سنگت سٺي ٿيندي آهي ۽ اهو ئي سنڌي راڳڻ جو حسن آهي.

هن راڳ جا لڇڻ ٻول هن ريت آهن:

لڇڻ ٻول راڳ سنڌوي براري جهپ تال

سنڌوي براري ڳاءِ

'هر رنگ' سک پاءِ

آروهي سابن
امروهي پورن
مارووا ٺاٺ آهي
وادي رکب لاءِ.

## راڳ سنڌوي (راڙون)

هن راڳ کي سنڌوي، سندورا، سيندوا ۽ راڻي جي نالي سان به ياد ڪيو ويندو آهن. مومل راڻي جي داستان جي وجود ۾ اچڻ کان اڳ هن راڳ کي سنڌوي، سنڌوا، سندور وغيره جي نالي سان سڏيندا هئا. جڏهن کان مومل راڻي جا منظومات هن سر ۾ ڳائجڻ لڳا سنڌ ۾ هن راڳ، جو نالو راڻون پئجي ويو.
هي هڪ نج سنڌي راڳ آهي جيڪو نالي مان ئي ظاهر آهي، هي راڳ ڪافي ٺاٺ جو راڳ آهي ۽ هن راڳ جي آروهي امرهيءَ ۾ هي سر لڳن ٿا.
آروهي- کرج- تيور رکب- شڌ مڌم- پنچم ۽ تيور ڌيوت.
امروهي- کرج- ڪومل نکاد- تيور ڌيوت- پنچم- شڌ مڌم- ڪومل گنڌار ۽ تيور رکب.
هن راڳ جي آروهيءَ ۾ گنڌار ۽ نکاد جا سر نه هئڻ جي ڪري هن راڳ جي آروهي اوڊو ۽ امروهيءَ ۾ سڀني سرن جي لڳڻ جي ڪري امروهي سمپورن آهي.
هن راڳ جو وادي سر استان جو کرج آهي ۽ سموادي سر پنچم آهي، هن راڳ جي امروهيءَ ۾ گنڌار جو سروڪر يعني اڪتي پوئتي ڪري لڳائجي، اهو هن راڳ جو مروج طريقو آهي.
هن راڳ جي ڳائڻ جو وقت رات جو پوين پهر آهي.
هن راڳ جا لچڻ بول هن ريت آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لچھ ٻول راڳ سنڌوي (راڻون) دادرو
ڳايو سنڌوي ڳـايو
'ھر رانگ' راڻون آيو
ڪافي ٺاٺ جي آروھي ۾
گاني سر نـــہ لايـــو.

## راڳـــ سنڌ ڀيروين

سنڌ ڀيروين راڳ جي نالي مان ئي ظاھر آھي تہ ھيءُ راڳ نج سنڌي راڳ آھي، ھي راڳ آساوري ٺاٺ جو راڳ آھي جنھن کي نٽ ڀيروين ٺاٺ بہ ڪري چوندا آھن.

سنڌ ڀيروين اساوري ٺاٺ جو سمپورن راڳ آھي. ھن راڳ جي آروھي امروھي ھن ريت آھي.

آروھي-کرج- تيور رکب- ڪومل گندار- شڌ مڌم- پنچم- ڪومل ڌيوت ۽ ڪومل نکاد .

امروھي-کرج- ڪومل نکاد - ڪومل ڌيوت- پنچم- شڌ مڌم ڪومل گندار ۽ تيور رکب.

ھي راڳ پنچم جي سر کي کرج بنائي ڳايو ويندو آھي، انھين ڪرڻ سان سنڌي ڀيروين جي شڪل ظاھر ٿيندي آھي، ھن راڳ جو وادي سر مڌم آھي، ھن راڳ کي منڌر ۽ مڌ يعني ڀھرئين ۽ ٻئي استان ۾ ڳايو.

لکش سنگيت جي مصنف چتر پنڊت سنڌ ڀيروين جي باري ۾ ھيٺن لکيو آھي.

منڌر پنچم کرج سمگھت نٽ يگ ڀيروي ميل بکانت
مـــڌم وادي تا ۾ سڌ ڪر سنڌ ڀيروي چتر بکانت

ھن شبد مان ظاھر آھي تہ قديم زماني کان ھيءَ راڳ

سنڌ جي نالي سان سنڌ ڀيروي مشهور آهي. هن راڳ جي ڳائڻ جو وقت ٻه پهر ڏينهن آهي. هن راڳ جا لڇڻ ٻول هيٺئن آهن.

لڇڻ ٻول راڳ سنڌ ڀيروي تين تال

سنڌ ڀيروی 'هر رنـگ' ڳايو
ٺاٺ اساوري پـــورن لايـــو
ڏينهن جي ٻن پهرن جي وقت ۾
پنچم سر کـــي کـرج بنايو.

## راڳـــ بسنت مکاري

هي راڳ ڀيرون ۽ ڀيرويءَ جي ٺاٺن جي ملاوٽ سان پيدا ٿيل آهي. هي راڳ سمپورن آهي ۽ هن راڳ جي پهرين سرن ۾ ڀيرون جا سر لڳن ٿا ۽ پوين سرن ۾ ڀيروي جا سر استعمال ٿيندا آهن. هن راڳ جي آروهي امروهي هن ريت آهي.

آروهي- کرج- ڪومل رکب- تيور گنڌار- شڌ مڌم- پنچم- ڪومل ڌيوت ۽ ڪومل نکاد.

امروهي- کرج- ڪومل نکاد- ڪومل ڌيوت- پنچم- شڌ مڌم تيور گنڌار ۽ ڪومل رکب.

هن راڳ جو وادي سر ڌيوت آهي ۽ هي راڳ صبح جي وقت ڳايو ويندو آهي. موسيقيءَ جي مستند ڪتاب اڪش سنگيت جي مصنف پنڊت چتر هن راڳ کي سنڌي راڳ تسليم ڪندي هڪ شبد ۾ هيٺئن چيو آهي ته:

ميل بکولا پرن ڪرت مڌر سو لڇن راڳ تب ڪهي
بسنتي مکاري سجن
انش ڌيوت سو شم رکب منتري اتم ڪرت رنجن چتر
سنڌي گت جام دن.

هن راڳ جو سموادي رکب جو سر آهي، هي هڪ سهڻي شڪل جو سنڌي راڳ آهي.

هن راڳ جا لڇڻ ٻول هن ريت آهن:

لڇڻ ٻول راڳ بسنت مکاري تين تال

بسنت مکاري هر رنگ ڳائجان
ٻورؤن ٻيروي ميل ٺاٺ مان
وادي ڏيوت را سموادي
سمپورن هي راڳ ٺهي ٿو
صبح جي وقت سپن کي ٻڌائجان.

## راڳ سنڌي جوڳ

هي راڳ ٻورؤن ٺاٺ جو سمپورن راڳ آهي مگر هن راڳ ۾ ٻئي رکب استعمال ڪيا ويندا آهن، ان لحاظ سان هن راڳ جي آروهي ۽ امروهي هن ريت ٿيندي.

آروهي- کرج- ڪومل رکب- تيور گنڌار- شڌ مڌم- پنچم- ڪومل ڌيوت ۽ تيور نکاد.

امروهي- کرج- تيور نکاد- ڪومل ڌيوت- پنچم- شڌ مڌم تيور گنڌار ۽ تيور رکب.

هن راڳ جو وادي سر مڌم يا گنڌار آهي. هي راڳ ٻن رکبن جي لڳڻ جي ڪري پنهنجي هم جنس راڳن کان جدا ٿيو پوي.

سنڌي جوڳ ۾ سنڌ ۾ ڪافيون سٺي انداز ۾ ڳايون وينديون آهن، هي راڳ ٻه مٿين سرن ۾ وڌيڪ وزيدار لڳندو آهي. سنڌي جوڳ جي ڳائڻ جو وقت صبح آهي اهو راڳ ٻن رکبن لڳڻ جي ڪري راڳ پريات (پرڀاوتيءَ) کان پوءِ ٿي ڳائجي.

هن راڳ جا لڇڻ ٻول هن ريت آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇڇڙ ٻول راڳ سنڌي جوڳ    ٽيون تال

ڳايو سنڌي جوڳ ٻارو
پيرڙن جـــو ناٿ پيارو
وادي ما گـــا ٻنايو
ريکب سر ٻئي لڳايو
'هر رنگ' ڳني ڳنن وارو.

## راڳ ڪوهياري

ڪوهياري هڪ خالص سنڌي راڳ آهي جيڪو قديم زماني کان وجود ۾ آهي. هيءُ راڳ موسيقيءَ جي ڪتابن ۾ نٿو ملي. هن راڳ کي صحيح انداز ۾ ڳائڻ وارا به سنڌ کان ٻاهر نٿا ملن. سنڌ ۾ هن راڳ ۾ ڪافيون ۽ وايون تمام سهڻي انداز ۾ ڳايون وينديون آهن.

هي راڳ کماچ ٺاٺ جو خالص سنڌي راڳ آهي، هن راڳ جي آروهي امروهي سمپورن آهي پر نکاد جو سر آروهيءَ ۾ تيور ۽ امروهيءَ ۾ ڪومل لڳي ٿو. هن راڳ جي آروهي امروهي هن ريت آهي.

آروهي- کرج- تيور رکب- تيور گنڌار- شڌ مڌم- پنچم- تيور ڌيوت- تيور نکاد.

امروهي-کرج ڪومل نکاد- تيور ڌيوت- پنچم- شڌ مڌم تيور گنڌار ۽ تيور رکب.

ياد رکڻ گهرجي ته کماچ ٺاٺ ۾ نکاد جو سر ڪومل لڳندو آهي پر هن ٺاٺ ۾ تيور نکاد به لڳائي سگهجي ٿو ڇو جو اهو رواج آهي.

ڪوهياري راڳ جو وادي سر تار استان جو کرج آهي ۽ سموادي سر مڌم آهي- هن راڳ جي امروهي وکر سمپورن

ڪجهي تہ چڱو، ڪوهياري راڳ جي ڳائڻ جـو وقت رات جا ٻہ پهر آهن.

هن راڳ جا لڇڻ ٻول هن ريت آهن.

لڇڻ ٻـول راڳ ڪوهياري

راڳ ڪوهياري ڳاءُ ــــ ـ ـات ڪماچ بناءُ،
سمپورن هن راڳ کي ــــ ٻئي نــــڪاد لڳايو،
وادي تيپ کرج کي ــــ ســمـوادي مـــا لاءِ
'هر رنگ' آڌيءَ رات جـو
ٻنهن جـــو روح ريجهايـــو.

## راڳ ڪيڌارو سنڌي

هي راڳ راڳداريءَ جي ڪدارن ڪان مختلف آهي، هي راڳ خالص سنڌي راڳ آهي. هي راڳ اوڊو سمپورن راڳ آهي. اوڊو هئڻ جي ڪري هن راڳ جي آروهيءَ ۾ گندار ۽ ڌيوت جا سر نٿا لڳن- هن راڳ جي آروهي امروهي هن ريت آهي.

آروهي- کرج- تيور رکب- شڌ مڌم- پنچم ۽ تيور نکاد.

امروهي- کرج- تيور نکاد - تيور ڌيوت- پنچم- شڌ مڌم- ڪومل گندار ۽ تيور رکب.

هي راڳ اساوري ۽ بلاول ٺاٽ جي ميل جو راڳ آهي جنهن جي پوروانگ ۾ آساوري ٺاٽ جا سر لڳن ٿا ۽ اترانگ ۾ بلاول ٺاٽ جا سر، تيور نکاد جي ڪري هي راڳ ڪافي ٺاٽ جي راڳن کان جدا ٿيو پوي.

هن راڳ جو وادي سر کرج ۽ سموادي سر پنچم آهي.

هن راڳ جي آروهيءَ ۾ ٻہ گندار جو ڪن لڳائجي ۽ نکاد کي ظاهر ڪجهي تہ هن راڳ جي شڪل ظاهر ٿي پوندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيڏارو عام ڳائڻ جو راڳ نہ آهي بلڪ عزاداريءَ جي ڏينهن ۾ ماتمي جلوسن سان شرناه تي ڪيڏارو ڇيو ويندو آهي. هي راڳ خوشيءَ جي ڪنهن بہ موقعي تي نہ ڳايو ويندو آهي.

هن راڳ جا لڇڻ ٻول هيٺئن آهن:

لڇڻ ٻول راڳ سنڌي ڪيڏارو    تال ٻڌي

هر رنگ ڪيڏارو، غم جو ڏيکارو
آروه گــــاڌا ٻـن، امــروهي ســارو
وادي ڪرج ڪريو، پاڪي ڏيو وارو.

o

www.sindhsalamat.com    books.sindhsalamat.com

چڪر ٺاهيائون، جيئن فرض ڪريو ته هڪ چئن ماترائن جو چڪر هلي ٿو ته اهو هئين هلندو، هڪ ٻه ٽي چار اهو چڪر چئن ڪان پوءِ وري هڪ کان شروع ٿيندو ۽ ائين راڳ سان گڏ هلندو ايندو پر شرط اهو آهي ته هڪ ڪان ٻن يا ٻن ڪان ٽن تائين يا ٽن ڪان چئن تائين يا چئن ڪان وري هڪ تائين جي وچ وارو عرصو ٻه هڪ جهڙو ئي هجي ته اهڙي چڪر کي تال چوندا آهن. ائين ڇهن ـ اٺن ڏهن ٻارهن چوڏهن سورنهن حتيٰ ڪ ماهرن ٦٤ ماترائن جهڙا چتر ڪلا تال ۽ ٧١ ماترائن جهڙا لئي تال به پيدا ڪري ورتا.

ماترا جو اڌ به ڪٿي سگهجي ٿو ان لحاظ سان سان جيڪي به اکي ماترائن جا تال پيدا ٿيا انهن کي ٻن سان ونڊ ڪرڻ سان اڌ ماترا ضرور بچندي اهڙن تالن کي ساڍي چال جا تال چئبو آهي ائين ماترا جو چوٿون حصو به ٿي سگهي ٿو ۽ چوٿين حصي مان پيدا ٿيندڙ تالن کي سوائي جا تال سڏي سگهجي ٿو مگر اهو آواز جو عرصو ايترو ته ننڍو ٿيندو جنهن جو ٻول زبان سان ٻڌائڻ يا هٿن سان وڄائڻ مشڪل ٿي پوندو، پر جي ڪير ائين ڪري به ڪٿي ته به سمجهه ۾ اچڻ مشڪل آهي.

ائين ماترا جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ ان مان جدا جدا وزن جا تال ٺهيا موجوده زماني ۾ جيڪي تال رواج ۾ آهن تن جا نالا هي آهن:

چوتال ـ اڪتال ـ تين تال ـ تلواڙه ـ روپڪ ـ سول فاخته ـ ڌمار ـ آڙو چوُتالو ـ فرودست ـ چاچر ـ تيورو ـ سواري ـ جهپتال ـ پشتو ـ جهومرو ـ پنجابي ٺيڪو ـ دادرو ـ کهروا وغيره.

اهي آهن مشترڪه تال جيڪي موجوده زماني ۾ رواج ۾ آهن، انهن تالن ڪان سواءِ سنڌ ۾ قديم زماني ڪان ڪي خاص تال به وڄندا اچن، جيئن ته سنڌ ۾ عموماً شادي ٿيڻ ڪان ڪجهه ڏينهن اڳ ڪان مڱڻهار فقير شادي ۽ وندي گهر جي اڳيان صبح

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي تال به هڪ ناچ تال آهي جنهن تي نچڻ کي جهمر هٿيون چوندا آهن اهو تال به نج سنڌي تال آهي.

## تال وهول

دهلاري دس ۾ تال جهمر کان پوءِ تال وهـول وڄائين، هيءُ تال به نج سنڌي تال آهي، هن تال جون اٺ ماتراؤن ٽين جيڪي هي آهن:

ڌين نگ- تين تڪ- ڌين نگ- تمن نگ

هي تال به تال وهول وانگر ناچ تال به آهي جنهن کي دهلاري ناچ وقت به وڄائيندا آهن.

## تال جهمت

سنڌ جو هيءُ تال دهلاري دس ۾ تال وهول کان پوءِ وڄائيندا آهن. هي تال ڇهن ماترائن جو تـال آهي جيڪي هي آهن:

ڌ ن ت گدڪ - ڌن ت گدڪ

سنڌ جو هيءُ تال به ناچ تال آهي جيڪو درت (تکي) لئي ۾ وڄائيندا آهن.

اڳي دهلاري دس ۾ جهمت تال کان پوءِ بندرانبي وڄائي دس ختم ڪندا هئا، مگر هاڻي اهو رواج نڪري ويو آهي، هاڻي مگنهار تال جهمت کان پوءِ وري ڌمال وڄائين ۽ دس کي ختم ڪن.

## تال ٽلو

سنڌي تال ٽلو چئن ماترائن جو ٿيندو آهي، انهن ماترائن جا ٻول هن ريت آهن:

ڌين- تا- تا- تڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن ان جي چال ٻي هوندي آهي، اهڙي ريت انهن ماترائن جي هوندي آهي جنهن جا ٻول هن ريت آهن:

ڌن- ڌنڪ- تن- ڪتڪ

اهڙي ريت زالون پڙن ڇوڻ مهل ٻه دهل تي وڄائينديون آهن

## حسن حسن

نغارچي ريت ڪان پوءِ حسن حسن وڄائين- جنهن جون ٻه ماتراؤن تين جيڪي هي آهن.

ڌن ـ نا

هن تال تي ٻه پرن ڇوٽون ۽ ڌڪا رکندا آهن.

## ڏاهوسواري

نغارچي حسن حسن کان پوءِ ڏاهو وڄائين جنهن کي سواري به چوندا آهن. هن تال ۾ پنج ماتراؤن تين جيڪي هن ريت آهن.

ڌ نا- ڌا- تان- تان

جلوس جي وقت هي تال جلوس جي رخصت تيڻ مهل وڄائيندا آهن.

## لولي

نقارچي ڏاهوءَ کان پوءِ لولي وڄائيندا آهن، لولي ٻارنهن ماترائن جي ٿيندي آهي لوليءَ جا نقاري جا ٻول هن ريت آهن.

ڌا- ڌا- ڌي- ڌانا- تڪ- تات- نا- ڌي

اهو تال فقط نقاري تي وڄايو ويندو آهي ۽ ولمپت لئي ۾ جماڻي وڄايو ويندو آهي.

اهي هئا عزاداريءَ جا تال جيڪي بيان ڪيا ويا.

سنڌ ۾ طبلي يا پکاوج جا ڪي نوان تال به وجود ۾ آيا جيڪي هي آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## تال تماهي

هي تال قرآن حڪيم جي هڪ آيت جي وزن تان ورتل آهي اها آيت هيءَ آهي:

تمت ڪلمت ربڪ صدقاً و عدلا.

هي تال ايڪيهن ماترائن جو آهي ۽ ساڌي چال جو تال آهي، هن تال جي ماترائن جا ٻول هن ريت آهن.

| اکر | تم | مت | ڪل | مت | رب | بڪ | صدقاً | و | عدلا |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ٻول | ڌا | ڌن | تٽ | ڪٽ | تٽ | ڪٽ | ڌا ڳي ڌن | ت | ڌا ڳي ڌن |
| ماترائون | ٢ | ٢ | ٢ | ٢ | ٢ | ٢ | ٤ | ١ | ٤ |

هي تال لئي ڪاريءَ ۾ نئون تال آهي جيڪو راقم الحروف جو ايجاد ڪيل آهي.

## تال سلدري

هي تال ٻه طبلي ۽ پکاوج جو تال آهي جيڪو ڏهن ماترائن جو تال آهي، هن تال جي رفتار هيٺين آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| اکـــر | تيري سنگ ني | اي اين نا آن | ل گين اين |
|---|---|---|---|
| ٻـــ ول | تت ڪت ڌي | اي ن نا آ | ڪ تا آ |
| ماتراؤن | ١ ١ ١<br>سم | ١ ١ ١ ١ | ١ ١ ١ |

تال سڌريءَ جي رفتار جهپ تال کان مختلف آهي ۽ هن تال کي ولمپت لئي ۾ ڇماڻي وڄائڻ گهرجي. هيءَ تال به راقم الحروف جو ايجاد ڪيل تال آهي.

## لطيفي تال

هن تال جو موجد حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي عليه الرحمة آهي. هي تال طبلي پکاوج يا وڄت وارن سازن جو نه آهي پر فقط دنبوري تي وڄايو ويندو آهي. هي تال اهو آهي جنهن جي وزن سان حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائيءَ جون سڀ وايون ماپي سگهجن ٿيون. هي تال لفظ الله تان ورتل آهي، هن تال جون ٽي ضربون آهن ۽ پنج ماتراؤن آهن جيڪي هن طرح آهن.

| اکـــر | ال | ل ا | ه |
|---|---|---|---|
| ماتراؤن | ٢ | ٢ | ١ |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راقم‌الحروف انهي واقعي کي ٽين تال جي ٺيڪي ۾ هيٺين ريت ٻڌو آهي:

روڪٽ رڙ رڙ — سائرن وڄڻ لڳا
گهوگهٽ گڙگڙ — هوائي جهازن جي اچڻ جا گهوگهٽ
۽ آواز ٿيڻ لڳا
دل ڪئي ڌڙ ڌڙ — خوف کان ڏاڍيون ڌڙڪڻ لڳيون
ڪوڪٽ تڙ تڙ — هر هنڌ شور مچي ويو
ڌوڌو ڪڙڪڙنا — ته بچڻ گوليون وسائڻ شروع ڪيون
ڌوڌو ڪڙڪڙنا — ته بچڻ گوليون وسائڻ شروع ڪيون
ڌوڌو ڪڙڪڙنا — ته بچڻ گوليون وسائڻ شروع ڪيون.

o

بوڙيندو ڪو اهڙو ساز نہ آهي جيڪو ڪنهن ڳائڻي جي سنگت ۾ وڄائي سگهجي يا ان مان ڪو راڳ ڪڍي سگهجي جو جو موسيقيءَ جي اصول موجب پنجن سرن کان گهٽ سرن وارو راڳ نہ ليکبو آهي ۽ بوڙينڊي مان مشڪل سان چار سر نڪري سگهندا آهن. ان ڪري بوڙيندو ڪنهن بہ ڳائڻ واري جي سنگت ۾ نہ وڄائي سگهبو. اهو ساز فقط آلاپ ڏئي سگهي ٿو ۽ مال جي مهرائڻ يا وراڻي يا وٿاڻ تي آڻڻ لاءِ ڌراڙ مخصوص آلاپ ڪري سگهندا آهن.

## گهڙو

هي هڪ مٽيءَ جو وڏو گهڙو سوڙهي منهن ۽ ننڍي ڳچيءَ سان ٺاهي پچائيندا آهن جيڪو سنڌي ڪافين ۽ لهرن ۾ لئي جو ڪم ڏيندو آهي. گهڙي کي گهاگهر بہ چوندا آهن ۽ وڄائڻ وارو گهڙي تي ڪيترائي تال وڄائي سگهندو آهي.

## ڏنڊو

پنجن ڇهن گهنگهرن جو ڇڳو ٻڌي ان جي هيٺان چمڙي جو گول ٽڪر هڻندا آهن پوءِ ان جي هيٺان ڏنڊي جو هڪ سرو مضبوطيءَ سان ٻڌندا آهن، ڏنڊو گول هوندو آهي ۽ ان جو قطر اٽڪل ٻہ انچ ۽ ڊيگهہ ٻہ فوٽ کن ٿيندي آهي،ڳائڻ وارو هڪ هٿ سان يڪتارو وڄائيندو آهي ۽ ٻئي هٿ سان ڏنڊي جي گهنگرن واري سري کي جهلي تال تي ڇڻڪائيندو آهي. ڏنڊو فقط تال تي گهنگهرن ڇڻڪائڻ جو ڪم ڏئي- موجوده زماني ۾ ڏنڊي وڄائڻ جو رواج نڪري ويو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻٽي پايا وڄائيندو آهي ۽ ماديءَ جي سوراخن کي آڱرين سان مختلف سر ڪڍڻ لاءِ استعمال ڪندو آهي.

پايا سنڌ جو ساز آهن جن مان راڳ ڌنون ۽ لهرا نڪري سگهن ٿا.

## دنبوري

دنبوري سنڌ جي ڇپر واري پاسي جو هڪ عام ساز آهي جنهن تي ڳائڻ وارا مورا ۽ لوليون ڏيندا آهن. هن ساز جو نام ستار يا تانپوري تان ورتل ٿو ڏسجي. دنبوري هڪ ننڍو ساز آهي جيڪو ڪاٺ مان ٺهندو آهي. دنبوريءَ جو هيٺيون اڌ گول پيٽ وانگر ٿيندو آهي ان جي مٿان سنهو تختو لڳل هوندو آهي جنهن کي پلڪ يا پاٽيو چون ۽ هيٺين اڌ کي پيٽ يا شڪم چون. پيٽ جي مٿان ٻه فوٽ کن پورو اڌ گول ڳن وجهن جنهن کي ڳن يا ڏانڊي چون، ڳن جي مٿين حصي ۾ پاسي کان ٽي ڪليون ڪاٺ جون هڻن جن کي ڪيربون چون، تارون انهن ڪيرين تي ويڙهيل هونديون آهن جيڪي پوري ڳن جي مٿان ٿينديون شڪم جي هيٺين حصي ۾ مضبوطيءَ سان ٻڌي ڇڏيندا آهن. پوءِ انهن تارن کي ملائي مضراب سان وڄائيندا هن. اها دنبوري فقط ڳائڻ جي سنگت ۾ وڄائي ويندي آهي.

جي انهي دنبوريءَ جي ڳن تي سرن ڏيکارڻ لاءِ تارون يا بند هڻندا آهن ته ان کي بندن واري دنبوري يا گهريگ چوندا آهن. بندن واري دنبوري مان راڳ ۽ ڌنون نڪري سگهنديون آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## شاهه جو تنبور

هي ساز تنبوري ۽ کان ڊيگهه ۽ ويڪر ۾ وڏو ٿيندو آهي. هن ساز ۾ پنج تارون لڳل هونديون آهن جن کي وڄايو ويندو آهي باقي تنبور جي ساخت بہ شڪل ۽ ڏانڊي تي مشتمل هوندو آهي. هي ساز بہ لئي ڏيڻ جي ڪم ايندو آهي. هن ساز مان ڪو راڳ يا راڳڻي پيدا نہ ڪري سگھبي آهي، هي ساز فقط لطيف سائين جي راڳ ۾ ڪم ايندو آهي.

پورو ٿيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ ڀڪيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو.
اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](http://books.sindhsalamat.com)

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book